(عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين
Faizan-e-Madina | Monthly Magazine | رنگين شمارو

ماهوار

# فيضانِ مدينہ

(دعوتِ اسلامي)

مارچ 2026 / شوال المکرم 1447ھ



- آخري نبي جي مُرڪڻ جو انداز
- اسلام ۾ نابينا افراد جو احترام
- سوشل ميڊيا انفلوئنسرز ۽ سندن ذميواريون
- ڏيئرن ڪي مسئلا ڳولهڻ جو حل سيکاريو
- جنگ بدر



انداز منهنجي حضور جا

(قسط:01)

# آخري نبي محمدِ عربي جي مُرڪڻ جو انداز

مولانا ناصر جمال عطاري مدني

الله ڪريم آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي کهڙو نہ عظيم شان عطا فرمايو آهي جو پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هر ادا کي شريعت جي حڪم جو درجو حاصل ٿيو، گڏوگڏ ربِ ڪريم حديثِ رسول کي امت جي بهترين ماڻهن يعني صحابہءِ ڪرام جي ذريعي اسان تائين پهچائڻ جو اهتمام فرمايو. اهڙيءَ طرح حديثِ رسول صرف زبان سان چيل ڳالهہ تائين محدود نہ رهي، بلڪ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زندگيءَ جي سموري تفصيل 'حديث' قرار ڏني وئي. جيڪڏهن هن پهلوءَ تي غور ڪجي تہ نبي ڪريم جي هر صحابيءَ جي اکين تان قربان ٿيڻ تي دل چاهيندي، چو تہ ديدارِ مصطفيٰ جي برڪت سان انهن حضرات کي اهو رتبو حاصل ٿيو، جنهن تائين هاڻي ڪو بہ نٿو پهچي سگهي.

ڪچھ ایسا کر دے میرے کردگار آنکھوں میں
ہمیشہ نقش رہے رُوئے یار آنکھوں میں
انہیں نہ دیکھا تو کس کام کی ہیں یہ آنکھیں
کہ دیکھنے کی ہے ساری بہار آنکھوں میں (i)

**عادتِ مصطفيٰ:** مرڪڻ اسان جي آقا ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عادتِ ڪريمہ هئي. (ii) جن هستين کي پاڻ سڳورن جو مبارڪ تبسم ڏسڻ نصيب ٿيو، انهن اُن منظرن جي سڪون کي پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ محفوظ ڪري ورتو. جيئن تہ: (1) جڏهن رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هن دنيا ۾ تشريف ڪٺي آيا ۽ حضرت حليمہ سعديہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا حاضر ٿيون تہ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اَڇي اوني ڪپڙي ۾ ويڙهيل سائي ريشمي پٿرڻي تي آرام فرمائي رهيا هئا. حضرت حليمہ سهڻي نموني سان سيني مبارڪ تي هٿ رکيو تہ پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مُرڪي پيا ۽ مبارڪ اکيون کوليائون، جن مان هڪ اهڙو نور نڪتو جيڪو آسمانن تائين وڃي پهتو. (iii) (2) حضرت جرير بن عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بيان ڪن ٿا تہ حضور اَڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن بہ مون ڏانهن ڏسندا هئا تہ مُرڪي ڏسندا هئا. (iv) (3) حضرت عبدالله بن حارث بن جز رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ چون ٿا تہ مون نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ ڪنهن کي بہ مُرڪندڙ نہ ڏٺو. (v)

جس کی تسکیں سے روتے ہوئے ہنس پڑیں
اس تبسم کی عادت پہ لاکھوں سلام

**مُرڪڻ جو انداز:** اُم المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْها فرمائن ٿيون تہ مون ڪڏهن بہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ائين کُلي کلندي نہ ڏٺو جو پاڻ سڳورن جي تارونءَ جو گوشت نظر اچي، پاڻ سڳورا صرف مُرڪندا هئا. (vi)

## آخري نبي ڪڏهن ڪڏهن مُرڪيا؟

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي انداز سان اسان کي چهري ذريعي خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ سيکاريو ۽ اهو بہ سيکاريو تہ اهو اظهار ڪڏهن ڪڏهن ڪرڻ گهرجي؟ اچو! ڪجهہ واقعن کي چوند عنوانن تحت سمجهون ٿا:

### (1) الله پاڪ جي شانِ ڪرم نوازي جي ذڪر تي مرڪڻ

الله پاڪ جو ڪريمي شان دل ۽ دماغ ۾ ويهي وڃي تہ شرعي احڪامن تي عمل ڪرڻ ۾ تمام گهڻي آساني ٿيندي آهي. آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو الله پاڪ جي شانِ ڪريمي کي ذهن نشين ڪرائڻ جو انداز ڏسو، پاڻ هڪ موقعي تي فرمايائون: ”بيشڪ مان جهنم مان نڪرندڙ آخري شخص ۽ جنت ۾ ويندڙ آخري ماڻهوءَ کي سڃاڻان ٿو. هڪ ڀانهو جهنم مان گِهلبو ٻاهر نڪرندو، الله ڪريم کيس فرمائيندو: ’وڃ! جنت ۾ هليو وڃ.‘ هو جنت ۾ ويندو تہ کيس ائين خيال ايندو تہ اها تہ ڀريل آهي، تنهنڪري هو واپس اچي عرض ڪندو: ’اي منهنجا رب! مون کي تہ اها ڀريل ملي آهي!‘ الله ڪريم وري فرمائيندو: ’وڃ! جنت ۾ هليو وڃ.‘ هو جڏهن ويندو تہ کيس وري ائين لڳندو تہ اها ڀريل آهي، پوءِ هو واپس اچي عرض ڪندو: ’اي منهنجا رب! اها تہ ڀريل آهي!‘ الله ڪريم کيس فرمائيندو: ’وڃ! جنت ۾ هليو وڃ، تو لاءِ دنيا جيتري بلڪ ان کان ڏهہ ڀيرا وڌيڪ (جڳهہ) آهي.‘ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا تہ اهو (نهايت خوش ٿي) چوندو: تون بادشاهہ ٿي ڪري مون سان مذاق ٿو ڪرين؟ اهو فرمائي رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايترو مرڪيا جو پاڻ سڳورن جا مبارڪ ڏند ظاهر ٿي پيا. (vii)

اچو! مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن انداز کي اسان بہ اپنايون، مُرڪ سان پنهنجي گفتگو ۾ ربّ جي نعمتن ۽ رحمتن جو ذڪر ڪيون تہ اميد جا چراغ روشن ٿي ويندا ۽ نااميديءَ جي اوندهي ختم ٿي ويندي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

### (2) خوف جي ڪيفيت ختم ٿيڻ تي مرڪڻ

بارگاهِ رسالت ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان تباهہ ٿي ويس. پاڻ سڳورن پڇيو: ڪهڙي شيءِ توکي تباهہ ڪيو؟ هن عرض ڪيو: مون روزي جي حالت ۾ پنهنجي گهرواريءَ سان صحبت ڪئي آهي. پاڻ پڇيائون: ڇا تو وٽ ڪو غلام آهي جنهن کي تون ڪفاري طور آزاد ڪرين؟ هن چيو: نہ. پاڻ فرمايائون: ڇا تون لڳاتار ٻہ مهينا روزا رکي سگهين ٿو؟ عرض ڪيائين: نہ. پاڻ هڪ ٻيو سوال ڪيو: ڇا تون سٺ مسڪينن کي کاڌو کارائي سگهين ٿو؟ عرض ڪيائين: نہ. رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٿوري دير

خاموش رهيا، ايتري ۾ پاڻ سڳورن جي بارگاهه ۾ ڪارڪُن جو هڪ ٽوڪرو پيش ڪيو ويو. پاڻ پڇيائون ته اهو شخص ڪٿي آهي؟ هن چيو: مان حاضر آهيان. پاڻ فرمايائون: هي ٽوڪرو کڻ ۽ هي ڪارڪون صدقو ڪري ڇڏ. هن عرض ڪيو: ڇا مون کان وڌيڪ به ڪو ضرورت مند هوندو؟ الله جو قسم! هن شهر (مديني پاڪ) جي ٻنهي ڪنارن جي وچ ۾ ڪو به گهر وارو منهنجي گهر وارن کان وڌيڪ محتاج ناهي. (سندس اها ڳالهه ٻڌي) رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايترو مرڪيا جو پاڻ سڳورن جا سامهون وارا نوڪيلا ڏند مبارڪ ظاهر ٿي پيا. پوءِ پاڻ فرمايائون: (وڃ!) هي پنهنجي گهر وارن کي کارائي ڇڏ. (viii)

هوا گر شانِ تبسم کا کرم

صبح ہو جائے شبِ دیجورِ غم (ix)

غور ته ڪريو ته جڏهن اهو شخص بارگاهه رسالت ۾ حاضر ٿيو ته ڪيترو نه خوفزده هو، پر حضور جي در تي سڀ ڪجهه سچ چئي ڏنائين، جنهن سان نه صرف سندس مراد پوري ٿي پر تبسمِ مصطفيٰ جي ذريعي ڪيس رضاءِ مصطفيٰ جي نعمت به ملي وئي. پوءِ اسان به اهو عهد ڇو نه ڪيون ته پريشان حال مسلمانن جون مشڪلاتون دور ڪرڻ لاءِ تيار رهنداسين ۽ مرڪڻ جي ذريعي انهن جي بي چين دلين کي سڪون پهچائڻ جو سامان ڪنداسين.

---

(i) سامانِ بخشش،ص145

(ii) مراۃ المناجيح،14/7

(iii) حجۃ اللہ علی العالمين، ص190

(iv) بخاری، 320/2،حديث:3035

(v) ترمذی، 366/5، حديث:3661

(vi) بخاری،125/4، حديث: 6092

(vii) مسلم، ص99، حديث: 461، الديباج على المسلم، 243/1، دليل الفالحين، 735/8

(viii) بخاری،638/1،حديث: 1936، ياد رهي هن طرح سان ڪفاري جي ادائيگي ان صحابي جي حق ۾ حضور جو خصوصي اختيار هو، ۽ هي حڪم صرف ان ئي صحابي سان خاص آهي.

(ix) ذوقِ نعت،ص298



# روزي جهڙو ثواب ڏياريندڙ نيڪيون

مولانا شهزاد عطاري مدني

اي عاشقانِ رسول! الله ڪريم جو عظيم احسان آهي جو هن اسان کي اهڙا نيڪ عمل به عطا فرمايا آهن، جن کي بجا آڻڻ سان اسان نفلي روزن جو ثواب حاصل ڪري سگهون ٿا. اچو! انهن نيڪ عملن بابت ڪجھ فرامينِ مصطفيٰ ﷺ پڙهون ٿا جيئن ته

## بردبار ماڻهو روزو رکڻ واري وانگر آهي

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت موليٰ علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته رسولِ اڪرم ﷺ جن فرمايو: بيشڪ ٻانهو حلم (يعني بردباريءَ) جي ذريعي روزو رکڻ واري ۽ قيام (يعني نفلي عبادت) ڪرڻ واري جو درجو ماڻي وٺندو آهي. (i)

## خوش اخلاق ماڻهو روزيدار جو درجو ماڻيندو آهي

اُمُّ المومنين حضرت عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون ته نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو: ٻانهو پنهنجي حسنِ اخلاق جي ڪري رات جو عبادت ڪرڻ واري ۽ ڏينهن جو روزو رکڻ واري جي درجي کي ماڻي وٺندو آهي. (ii)

## شڪر ادا ڪرڻ وارو روزيدار وانگر آهي

نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: شڪر ادا ڪندي کائڻ واري جو اجر، صبر ڪندي روزو رکڻ واري وانگر آهي. (iii)

روزيدار جو گهٽ ۾ گهٽ صبر اهو آهي ته پنهنجي روزي کي روزو ٽوڙيندڙ شين کان محفوظ رکي، درمياني شڪر اهو آهي ته مڪروه شين کان بچائي ۽ اعليٰ شڪر اهو آهي ته انهن شين کان روزي کي محفوظ رکي جن سان روزو غير مقبول ٿيندو آهي، يعني مٿي کان پيرن تائين هر عضوي جو روزو هجي. (iv)

## روزو افطار ڪرائڻ جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي ﷺ جن ارشاد فرمايو: روزيدار کي روزو افطار ڪرائڻ واري کي اهڙو ئي ثواب ملندو جهڙو روزي رکڻ واري کي ملندو، ان جي اجر ۾ ڪا به ڪمي نه ٿيندي. (v)

## باوضو رهڻ جي فضيلت

صحابيءِ رسول حضرت عَمرو بن حُرَيث رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي پياري نبي ﷺ جن فرمايو: اَلنَّائِمُ الطَّاهِرُ كَالصَّائِمِ الْقَائِمِ، ترجمو: وضو ڪري سمهڻ وارو روزو رکڻ ۽ سڄي رات قيام ڪرڻ واري وانگر آهي. (vi)

هڪ روايت ۾ آهي ته: اَلطَّاهِرُ كَالصَّائِمِ الصَّابِرِ، يعني ”باوضو ماڻهو صبر ڪندڙ روزيدار وانگر آهي. (vii)

حضرت علامه عبدالرؤف مُناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: روزيدار خواهشن کي ڇڏي ڏيڻ جي ڪري پاڪيزه ٿي ويندو آهي ۽ رات جو قيام ڪرڻ جي ڪري مٿس رحم ڪيو ويندو آهي، ۽

جڏهن سمهڻ وارو ثواب جي نيت سان پاڪائيءَ (يعني وضو) جي حالت ۾ سمهي ٿو تہ سندس روح بارگاهِ الٰهي ۾ حاضر ٿي ويندو آهي. (viii)

## غريبن جي مدد ڪرڻ وارو روزيدار وانگر آهي

حضرت سيدُنا ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ حسنِ اخلاق جي پيڪر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: محتاج ۽ مسڪين جي پرورش لاءِ ڪوشش ڪرڻ وارو الله پاڪ جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ واري وانگر آهي. حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: منهنجو خيال آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهو بہ فرمايو تہ هو رات جي قيام ۾ سستي نہ ڪندڙ ۽ لاڳيتو روزو رکڻ واري جيان آهي. (ix)

يعني جنهن قسم جو يا جيترو ثواب ان اٿٽڪ عابد کي ملندو آهي جيڪو هميشہ روزيدار ۽ رات جو عبادت گذار هجي، اهڙي قِسم جو يا اوترو ثواب ان خدمت ڪرڻ واري کي بہ ملندو آهي. (x)

حضرت سيدُنا عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن ٽن يتيمن جي پرورش ڪئي، اهو رات جو قيام ڪرڻ واري، ڏينهن جو روزو رکڻ واري ۽ صبح شام الله پاڪ جي راهہ ۾ پنهنجي تلوار مياڻ مان ڪڍي وڙهڻ واري جيان آهي، ۽ مان ۽ هو جنت ۾ ٻن ڀائرن جيان هونداسين جيئن هي ٻہ آڱريون آهن، ۽ پاڻ سڳورن پنهنجي شهادت واري آڱر ۽ وچين آڱر کي ملايو. (xi)

الله پاڪ اسان کي فرض روزا رکڻ سان گڏوگڏ نفلي روزا رکڻ ۽ ٻيا نيڪ عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

(1) حلية الاولياء، 320/8، حديث: 12349 (2) شعب الايمان، 237/6، حديث: 7998 (3) مستدرڪ 188/5، حديث: 7277 (4) مرأة المناجيح، 31/6 (5) شعب الايمان، 305/3، حديث: 3608 ملتقطاً (6) نوادر الاصول، 904/2، حديث: 1193 (7) الزهد لا بن المبارڪ، ص440، حديث: 1243 (8) مسلم ، ص1217، حديث: 7468 (9) فيض القدير، 381/6، تحت الحديث: 9298 (10) مرأةُ المناجيح، 547/6 (11) ابن ماجہ، 194/4، حديث: 3680۔

---

(i) حلية الاولياء، 320/8، حديث:12349
(ii) شعب الايمان، 237/6، حديث: 7998
(iii) مستدرڪ 188/5، حديث: 7277
(iv) مرأة المناجيح، 31/6
(v) شعب الايمان،305/3،حديث:3608ملتقطاً
(vi) نوادر الاصول، 904/2، حديث: 1193
(vii) الزهد لا بن المبارڪ، ص440، الحديث 1243
(viii) فيض القدير، 381/6، تحت الحديث:9298
(ix) مسلم ، ص1217،حديث:7468
(x) مرأةُ المناجيح، 547/6
(xi) ابن ماجہ،194/4، حديث:3680









# پنهنجي بزرگن کي ياد رکندا

مولانا ابو ماجد محمد شاهد عطاري مدني

شوالُ المکرم اسلامي سال جو ڏهون مهينو آهي. جن صحابہءِ ڪرام، اولياءِ عظام ۽ علماءِ اسلام جو وصال يا عرس هن مهيني ۾ آهي، انهن مان 120 شخصيتن جو مختصر ذڪر ماهوار فيضانِ مدينہ شوالُ المڪرم 1438ھ کان 1446ھ تائين جي شمارن ۾ ڪيو ويو آهي. وڌيڪ 13 جو تعارف ملاحظہ فرمايو:

## صحابہءِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان:

(1) حضرت عبدالله بن حارث قرشي سهمي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ قريش جي سردار حارث بن قيس جا فرزند هئا. جاهليت واري دور ۾ هن خاندان ۾ سرداري ۽ دولت ٻئي موجود هيون. حضرت عبدالله شاعر بہ هئا، پاڻ پنهنجي ڀين ڀائرن سان گڏ شروعات ۾ ئي اسلام قبول ڪيائون، حبشہ ڏانهن هجرت ڪيائون ۽ غزوهءِ طائف ۾ شوال 8ھ ۾ شهيد ٿيا. [i] (2) حضرت عبدالله بن ابو اُميہ مخزومي قرشي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جا والد بنو مخزوم جا معزز، فياض ۽ سخي هئا، سفر دوران قافلي وارن جي ڪفالت ڪرڻ سبب زادُ الراڪب (سوارن جو سامان) جي لقب سان مشهور هئا. سندن والده عاتڪہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم جي ڦُڦي هيون. پاڻ اُم المؤمنين حضرت اُم سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جا ويڳا ڀاءُ هئا. فتح مڪہ کان پهريان اسلام قبول ڪيائون، فتح مڪہ، غزوهءِ حُنين ۽ غزوهءِ طائف ۾ شرڪت ڪيائون ۽ غزوهءِ طائف شوال 8ھ ۾ شهيد ٿيا. [ii]

## اولياءِ ڪرام رَحْمَهُمُ اللّٰہُ السَّلَام:

(3) صوفيءِ باصفا خواجہ فرخ عمري مجددي سرهندي المعروف مولوي معنوي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ علومِ ظاهري ۽ باطني جا جامع، بهترين مدرس ۽ درسي ڪتابن جا شارح ۽ حاشيہ نگار هئا. مجددي خاندان جا تقريباً تمام صاحبزادا سندن شاگرد آهن. پاڻ 4 شوال 1118 ھ تي وصال فرمايو، مجدد الف ثانيءَ جي مقبري کان ڏکڻ طرف هڪ مقبري ۾ مدفون آهن. [iii]

(4) مرشد محدثِ اعظم پاڪستان، سراجُ الاولياء حضرت خواجہ سراجُ الحق گورداسپوري رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي ولادت 14 ذي القعده 1273ھ ڪرنال (هند) جي قريشي فاروقي گهراڻي ۾ ٿي. پاڻ شروعات ۾ تحصيلدار جي نوڪري ڪيائون، پوءِ پنهنجو پاڻ کي دين لاءِ وقف ڪيائون ۽ دورهءِ حديث ڪري فارغُ التحصيل ٿيا. بيعت ۽ خلافت جو شرف سلسلي چشتيہ صابريہ مان حاصل ڪيائون. سراجُ الاولياء ۽ سندن خليفن فتنہ قاديانيت جو ڄمي مقابلو ڪيو. ڪين ڪيتريون ئي ڪرامتون بہ ظاهر ٿيون. سندن وصال 28 شوال 1350ھ ۾ ٿيو، مزار محلہ غفوري گورداسپور (پنجاب، هند) ۾ آهي. [iv] (5) پيرِ طريقت مفتي سيد امير محمد شاهہ حسيني نقشبندي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي پيدائش ڳوٺ اميناڻي شريف، ويجهو خدا آباد ضلعو دادو (سنڌ) ۾ ٿي. پاڻ صوفيءِ باصفا، مفتيءِ اسلام، مدرسہ عينُ العلوم ڳوٺ اميناڻي جا باني، ڪثيرُ التلامذه (گهڻا شاگرد

رکندڙ)، صاحبِ فتاويٰ اميريہ ۽ استادُ العلماء هئا. وصال 29 شوال 1379ھ ۾ ٿيو، مزار درگاھ اميناٽي شريف ۾ آهي. [v] (6) پيرِ طريقت خواجہ حڪيم اصغر علي مستالوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه آستانہ عاليہ مستال شريف جي خليفي خواجہ عبدالعلي مستالوي جا فرزند ۽ خليفا، عالم و فاضل، حڪيمِ حاذق، جامع مسجد تلاب پختہ بني محلہ راولپنڊي جا امام ۽ خطيب، شاعر، مصنف ۽ آستانہ عاليہ مستال شريف جا باني هئا. سندن ولادت مستال شريف، آءِ نائن (اسلام آباد) ۾ ٿي ۽ وصال 24 شوال 1411ھ ۾ فرمايو، مزار مستال شريف، اسلام آباد ۾ آهي. [vi]

**علماءِ اسلام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام:**

(7) شيخُ الشيوخ حضرت امام حافظ ابنِ صيرفي ابو عَمرو عثمان بن سعيد اموي داني مالڪي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پيدائش 371ھ ۾ قرطبہ ۾ ٿي. تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ مصر، قيروان، تيونس ۽ پوءِ دانيہ (اندلس) ۾ درس و تدريس جون خدمتون سرانجام ڏنائون. پاڻ عالمِ اندلس، امامُ الوقت، حافظُ الحديث، مفسر و اديب، واعظ و خطيب ۽ مستجابُ الدعوات بزرگ هئا، پر سندن شهرت علومِ قرآنيہ بالخصوص فنِ قراءَت ۾ مهارت ۽ تدريس سبب آهي. سندن وصال دانيہ ۾ 15 شوال 444ھ ۾ ٿيو، نمازِ جنازه ۾ سلطانِ وقت سميت ماڻهن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. [vii] (8) امامُ الائمہ حضرت ابو عبداللہ محمد بن ايوب بن نوح غافقي بلنسي مالڪي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه يورپي ملڪ اسپين (Spain) جي شهر بلنسيہ (Valencia) جا رهواسي هئا. سندن پيدائش 530ھ ۽ وصال 6 شوال 608ھ ۾ ٿيو. پاڻ علوم و فنون جا ماهر مالڪي عالمِ دين، بهترين قاري، مفتيءِ اسلام، مفسرِ قرآن، عربي ادب جا ماهر، جامع مسجد بلنسيہ جا خطيب، جود و سخا جا پيڪر، اخلاقِ حسنہ جا مالڪ ۽ اندلس جا نابغہءِ عصر (پنهنجي دور جا لاثاني عالم) هئا. [viii] (9) شيخ القراء حضرت امام زين الدين عبدالرحمٰن بن شحاذه يمني شافعي مصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه 975 ھ ۾ قاهره (مصر) ۾ پيدا ٿيا ۽ 15 شوال 1050ھ ۾ وصال فرمايائون. پاڻ شيخ القراء، امام المجودين، مدرس، ڪثيرُ التلامذه، ظاهري ۽ باطني حسن سان مالا مال، وليءِ ڪامل ۽ فقيہِ عصر هئا. پاڻ مالدار واپاري پڻ هئا ۽ پنهنجو مال شاگردن ۽ فقيرن تي دل ڪولي خرچ ڪندا هئا. [ix] (10) شيخ القراء حضرت علامہ ابوسماح احمد بن رجب بقري شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پيدائش 1074ھ ۾ ٿي. پاڻ ذهين و فطين، ڪثيرُ العلم، فقيہِ شافعي ۽ محقق هئا: گهر هجي يا سفر قرآن پاڪ جي ڪثرت سان تلاوت ڪندا هئا. پاڻ پڙهڻ پڙهائڻ ۾ تمام گهڻي محنت ڪندا هئا، زندگيءَ جي آخري سال حج لاءِ روانا ٿيا، جڏهن مقامِ نخل ۾ پهتا تہ آخر شوال 1189ھ ۾ وفات ڪيائون ۽ اتي ئي دفن ڪيا ويا. [x] (11) عاشقِ رسول حضرت مولانا عبدالقدير قادري بدايوني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پيدائش شوال 1311ھ ۾ بدايون (يو پي، هند) جي عثماني علمي گهراڻي ۾ ٿي ۽ اتي ئي 3 شوال 1379ھ ۾ وصال فرمايو. پاڻ جامع معقول و منقول، شيخِ طريقت، مدرسہ و خانقاھ قادريہ بدايون جا مدرس ۽ جانشين، حيدرآباد دڪڻ رياست جا مفتيءِ اعظم، مجاهدِ دين و ملت ۽ مسلمانن جا سرگرم رهنما هئا. پاڻ هندستان جي آزاديءَ واري تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتائون. [xi] (12) شيخ الحديث مولانا سيد حاجي احمد شاھ المعروف سيد سخي صابر گجراتي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ولادت 1351ھ ۾ گجرات (پاڪستان) ۾ ٿي. پاڻ جيد عالمِ دين،

حڪيم الامت ۽ محدثِ اعظم پاڪستان جا شاگرد، پيرِ طريقت، استاد العلماء ۽ سخاوت جا پيڪر هئا. سندن وصال 30 شوال 1401ھ ۾ ٿيو، دربار عاليہ شهنشاھ ولايت، محلہ علي پوره گجرات ۾ مدفون آهن. [xii] (13) شمس الفقهاء حضرت مفتي محمد عبدالله بلوچ نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي پيدائش 1344ھ ۾ مڪران (ايران) ۾ ٿي. پاڻ جِيد عالمِ دين ۽ مفتي ڪراچي جي عالمن خصوصاً تاج العلماء مفتي محمد عمر نعيمي جا شاگرد، بهترين مدرس، دارالعلوم مجدديہ نعيميہ ملير ڪراچي جا باني، استادُ العلماء، ڪتابن ۽ قلمي نسخن جا عاشق ۽ فتاويٰ مجدديہ نعيميہ جا صاحب هئا. روڊ حادثي سبب 10 شوال 1402ھ ۾ وصال فرمايائون، مزار دارالعلوم مجدديہ نعيميہ ۾ آهي.

(1) ديکھیے: الاصابۃ فی تمییز الصحابۃ، 685/1- 15/3- 43/4

(2) ديکھیے: الاصابۃ فی تمییز الصحابۃ، 10/4-404/8

(3) روضۃ القيوميہ، 472/1، 473

(4) انسائیکلوپیڈیا اولیائے کرام، 400/3 تا411

(5) انوارعلمائے اہل سنت سندھ،ص54تا56

(6) انسائیکلوپیڈیا اولیائے کرام، 661/2

(7) سیراعلام النبلاء، 481/13تا485

(8) غایۃ النہایۃ فی طبقات القراء،93/2-سیراعلام النبلاء، 69/16

(9) خلاصۃ الاثر، 358/2- فوائد الارتحال، 583/4

(10) ہدیۃ العارفین، 179/1- تاریخ عجائب الآثار فی التراجم والاخبار (تاریخ الجبرتی)، 650/1

(11) اکابر بدایون، ص49تا58

(12) خفتگان خاک گجرات، ص 24، 25

(13) انوار علمائے اہلسنت سندھ، ص486 تا 489

---

(i) ديکھیے: الاصابۃ فی تمییز الصحابۃ، 685/1- 15/3- 43/4
(ii) ديکھیے: الاصابۃ فی تمییز الصحابۃ، 10/4-404/8
(iii) روضۃ القيوميہ، 472/1، 473
(iv) انسائیکلوپیڈیا اولیائے کرام، 400/3 تا411
(v) انوارعلمائے اہل سنت سندھ،ص54تا56
(vi) انسائیکلوپیڈیا اولیائے کرام، 661/2
(vii) سیراعلام النبلاء، 481/13تا485
(viii) غایۃ النہایۃ فی طبقات القراء،93/2-سیراعلام النبلاء، 69/16
(ix) خلاصۃ الاثر، 358/2- فوائد الارتحال، 583/4
(x) ہدیۃ العارفین، 179/1- تاریخ عجائب الآثار فی التراجم والاخبار (تاریخ الجبرتی)، 650/1
(xi) اکابر بدایون، ص49تا58
(xii) خفتگان خاک گجرات، ص 24، 25






# اسلام ۾ نابينا ماڻهن جي عزت ۽ مقام

## مولانا عمر فياض عطاري مدني

اکيون الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهن، پر اسلام ڪڏهن بہ انساني عظمت جو معيار ظاهري عضون جي سلامتيءَ کي ناهي بڻايو. اسلام اهو واحد دين آهي جنهن جسماني معذوري، خاص طور تي نابينا اکين جي نور کان ”محرومي“ کي محرومي جي بجائي ”آزمائش“ ۽ ”درجَن جي بلندي“ جو ذريعو قرار ڏنو. تاريخ اسلام جا ورق ورائيندا سين تہ اسان کي اندازو ٿيندو تہ نابينا ماڻهن جو جيڪو اڪرام ۽ احترام اسلام سيکاريو آهي، ان جو مثال انساني حقن جا نام نهاد چارٽر بہ پيش ڪرڻ کان قاصر آهن.

### سورت عَبَس: هڪ نابينا صحابيءَ خاطر آسماني پيغام

اسلام ۾ نابينا ماڻهن جي احترام جي سڀ کان وڏي دليل قرآن ڪريم جي سورت ”عَبَس“ آهي. هي واقعو انساني تاريخ جو هڪ منفرد واقعو آهي. هڪ ڀيري جانِ دوجهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قريش جي وڏن سردارن عتبہ بن ربيعہ، ابوجهل بن هشام، عباس بن عبدُالمطلب، ابي بن خلف ۽ اميہ بن خلف کي دين جي دعوت ڏئي رهيا هئا، ان دوران هڪ نابينا صحابي حضرت عبدالله بن ام مڪتوم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حاضر ٿيا ۽ انهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بار بار سڏ ڪري عرض ڪيو تہ: ”اي الله جا رسول! الله پاڪ جيڪو اوهان کي سيکاريو آهي، اهو مون کي تعليم فرمايو.“ گفتگو ۾ خلل پوڻ ڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ چهري تي ناگواريءَ جا آثار نمايان ٿيا، ايتري تائين جو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي دولت خاني (گهر) ڏانهن واپس تشريف کڻي آيا.

ان موقعي تي الله پاڪ فوراً وحي نازل فرمائي ۽ سورت عَبَس جي شروعاتي آيتن ۾ فرمايو ويو:

﴿عَبَسَ وَتَوَلّٰۤى (1) اَنْ جَآءَهُ الْاَعْمٰى (2) وَمَا یُدْرِیْكَ لَعَلَّهٗ یَزَّكّٰۤى (3) اَوْ یَذَّكَّرُ فَتَنْفَعَهُ الذِّكْرٰى (4)﴾ ترجموڪنزُالعرفان: پيشاني ۾ گهنج هنيائين ۽ منهن ڦيرايائين هن ڳالهہ تي جو ان وٽ نابين حاضر ٿيو ۽ توهان کي ڪهڙي خبر شايد اهو پاڪيزه ٿي وڃي يا نصيحت حاصل ڪري تہ نصيحت ان کي فائدو ڏي. (i)

انهن آيتن جي نازل ٿيڻ کان پوءِ تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عبدالله بن ام مڪتوم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي تمام گهڻي عزت فرمائيندا هئا ۽ پاڻ ڪانئس سندس ضرورتون ۽ حاجتون پڇندا هئا. (ii) غور ڪجي تہ هي صرف هڪ واقعو ناهي، پر نابينا ماڻهن جي احترام جو هڪ ابدي چارٽر آهي.

### ترس نہ، پر اعتماد ۽ ذميواري

عام طور تي معاشري ۾ نابينا ماڻهن کي ترس جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي، پر اسلام کين ترس جو نہ پر ”اعتماد“ جو مستحق سمجهيو. ان جو سڀ کان وڏو مثال هي آهي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي زندگي مبارڪ ۾ ڪيترا ئي ڀيرا مديني پاڪ کان ٻاهر ويندي انهن ئي نابينا صحابي حضرت عبدالله بن اُمِّ مڪتوم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي پنهنجو قائم مقام بڻائي مديني جو گورنر ۽ مسلمانن جي امامت لاءِ مقرر فرمايو. (iii)

سوچيو! هڪ نابينا شخص کي ”رياستِ مدينہ“ جو گورنر بڻائڻ ۽ پنهنجي نيابت جهڙي اهم منصب تي فائز ڪرڻ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ اسلام صلاحيت کي ڏسندو آهي، بصارت (ڏسڻ جي قوت) کي نہ. هي عمل ٻڌائي ٿو تہ جيڪڏهن بصيرت (دل جي اک) روشن هجي تہ ظاهري بينائي جو نہ هجڻ قيادت جي راهہ ۾ رڪاوٽ نٿو بڻجي.

## نابينا ماڻهن لاءِ جنت جي بشارت

اسلام نابينا ماڻهن جي دلجوئيءَ لاءِ ڪين عظيم اجر جي خوشخبري ٻڌائي آهي.

(1) حديثِ قدسي آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو: ”جڏهن مان پنهنجي ٻانهي کي سندس ٻن پيارين شين يعني اکين جي ذريعي آزمائيندو آهيان ۽ هو ان تي صبر ڪري ٿو تہ مان کيس انهن جي بدلي جنت عطا فرمائيندو آهيان.“ (iv)

(2) حضرت زيد بن ارقم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندس بيماريءَ وقت سندس عيادت لاءِ تشريف کڻي آيا ۽ فرمايائون: توکي تنهنجي هن مرض مان ڪو نقصان نہ ٿيندو، پر جڏهن منهنجي وفات کان پوءِ تون عمر ماڻيندين ۽ نابينا ٿي ويندين تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟، هن عرض ڪيو: مان ثواب جي اميد رکندس ۽ صبر ڪندس، پاڻ فرمايائون: پوءِ تہ تون بغير حساب جي جنت ۾ ويندين، (پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اها غيبي خبر سچي ثابت ٿي ۽) جنابِ زيد بن ارقم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پردي فرمائڻ کان پوءِ نابينا ٿي ويا. (v)

(3) حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ الله پاڪ فرمائي ٿو: جڏهن مان دنيا ۾ پنهنجي ٻانهي جون ٻئي اکيون کسي وٺندو آهيان تہ مون وٽ ان لاءِ جنت ئي جزا آهي، (vi) امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ اها بشارت ٻڌي ڪيترا ئي انصاري صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم نابينا ٿيڻ جي تمنا ڪرڻ لڳا. (vii)

انهن روايتن ۾ موجود خداءِ ذوالجلال جا اهي واعدا نابينا ماڻهن لاءِ اميد جا ڪرڻا آهن تہ سندن اها محرومي دراصل ابدي نعمت ”جنت“ جو پيش خيمو آهي.

## اڄ اسان جي ذميواري ڪهڙي آهي؟

افسوس جي ڳالهہ آهي تہ اڄ اسان جي معاشري ۾ نابينا ماڻهن سان اهو رويو ناهي رکيو ويندو جنهن جو درس اسلام ڏنو آهي. اسان کي سمجهڻو پوندو تہ بصارت کان محروم ماڻهو اسان جي معاشري جو هڪ تمام اهم ۽ باصلاحيت حصو آهن. انهن سان اسان جو رويو برابري، احترام ۽ تعاون تي ٻڌل هجڻ گهرجي.

**تعليم ۽ تربيت:** نابينا ماڻهو ذهني طور تمام گهڻو زرخيز هوندا آهن. ان ڪري ڪين بريل سسٽم يا جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعي تعليم ڏيڻ معاشري جي ذميواري آهي. اڄوڪي ڊجيٽل دور ۾ نابينا ماڻهن لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ پهريان کان وڌيڪ آسان ٿي چڪو آهي. ”ٽاڪ بيڪ (Talkback) “سافٽ ويئر ۽ آڊيو بڪس لائبريرين کي سندن آڱرين جي پورن ۽ ٻڌڻ جي دائري ۾ آڻي بيهاريو آهي. هاڻي ڪو بہ نابينا شاگرد محض ان ڪري پوئتي نٿو رهي سگهي تہ سندس وٽ ڏسڻ جي قوت ناهي، ڇو تہ هاڻي ٻڌڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي قوت کي علم جو ذريعو بڻايو ويو آهي. اسان جي سامهون ڪيترا ئي مثالون موجود آهن تہ تعليم يافتہ نابينا ماڻهو اڄ ڪمپيوٽر، موبائيل ايپس ۽ اسڪرين ريڊرز جي مدد سان بئنڪنگ،

تدريس ۽ آءِ ٽي جهڙن شعبن ۾ بهترين ڪم ڪري رهيا آهن.

**خدمت ڪريو:** جيتري قدر ٿي سگهي انهن جي خدمت ڪريو. امير المؤمنين حضرت سيدنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ مديني پاڪ جي پرپاسي ۾ رهندڙ هڪ نابينا ٻُڍڙي عورت جي گهر جا ڪم ڪار ڪري ڏيندا هئا ۽ رات جو (ڍلَن ۾) پاڻي پري ڏيندا هئا ۽ سندس مڪمل سارسنڀال رکندا هئا. (viii)

**رستو پار ڪرايو:** نابينا کي رستو ڏيکارڻ ۽ سندس مدد ڪرڻ اسلام ۾ صدقہ جاريہ آهي. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: جنهن ڪنهن نابينا کي هڪ ميل تائين هلايو تہ کيس ميل جي هر ذراع (يعني گز) جي بدلي هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ملندو. جڏهن توهان نابينا کي هلايو تہ سندس ڪاٻو هٿ پنهنجي ساڄي هٿ سان پڪڙيو تہ اهو بہ صدقو آهي. (ix) جيڪو ڪنهن نابينا جو هٿ پڪڙي 40 قدم هلائيندو، ان جي چهري کي جهنم جي باهہ نہ ڇُهندي. (x)

**عزتِ نفس:** جنهن طرح توهان جي عزت آهي، ان طرح سامهون واري جي بہ عزت آهي. ائين تہ سڀني جي، پر خاص طور تي "خصوصي ماڻهن (Special Persons) "جي عزتِ نفس جو اسان کي ڀرپور خيال رکڻ گهرجي. کين طعنا نہ ڏيو، ڌڪا نہ ڏيو، بلڪ خيال رهي تہ سندن مدد ڪندي بہ کين عزتِ نفس کي مجروح نہ ڪيو وڃي.

### لنگهہ وارن رستن کي نابينا دوست بڻايو:

ڇا اسان جي رستن ۽ فوٽ پاٿن تي "ٽيڪٽائل ٽائلز (Tactile paving) " موجود آهن؟ افسوس تہ اسان جا مين هولز کليل هوندا آهن جيڪي انهن ماڻهن لاءِ جاني خطرو ثابت ٿيندا آهن. ڇا اسان جا عوامي ادارا اهڙا آهن جتي هڪ نابينا شخص ڪنهن جي مدد کانسواءِ اچي وڃي سگهي؟

**سماجي شموليت:** پنهنجي محفلن، مشورن ۽ تقريبن ۾ کين نظرانداز نہ ڪريو. کين محسوس ڪرايو تہ اهي توهان لاءِ اهم آهن.

### دعوتِ اسلامي جون نابينا ماڻهن لاءِ خدمتون

اسلام جي انهن روشن تعليمات کي اڄوڪي دور ۾ عملي جامو پهرائڻ لاءِ ديني تنظيم "دعوتِ اسلامي" جنهن نموني ميدانِ عمل ۾ آهي، اهو جديد فلاحي تاريخ جو هڪ سُنهري باب آهي. دعوتِ اسلامي نابينا ماڻهن کي معاشري جو هڪ متحرڪ ۽ معزز رڪن بڻائڻ لاءِ صرف همدردي نہ پر "عملي قدمن" جو رستو اختيار ڪيو آهي.

### علمي ۽ اشاعتي خدمتون(بريل سسٽم:

(دعوتِ اسلامي جي اشاعتي شعبي "مڪتبة المدينہ" نابينا ماڻهن جي علمي اُڃ اجهائڻ لاءِ "بريل (Braille) "۾ هڪ عظيم علمي ذخيرو منتقل ڪيو آهي. هاڻي نہ صرف مدني قاعدو ۽ قرآن پاڪ جي چوندِ سيپارن جي تفسير ۽ ترجمو شايع ٿي چڪو آهي، پر سندن اخلاقي ۽ ديني تربيت لاءِ هيٺيان رسالا پڻ بريل ۾ دستياب آهن: غسل ۽ وضو جو طريقو، مسواڪ جي فضيلت، احترامِ مسلم، انمول هيرا، ٻڍڙو پڄاري، پراسرار خزانو، جنات جو بادشاهہ ۽ صبح بهاران. (وڌيڪ ڪيترا ئي ڪتاب ۽ سيپارا اشاعت جي مرحلن ۾ آهن)

**تعليمي نيٽ ورڪ:** نابينا ٻارن کي تعليم جي زيور سان سينگارڻ لاءِ دعوتِ اسلامي ملڪ جي مختلف شهرن ۾ خصوصي مدرسا قائم ڪيا آهن. ميرپور (ڪشمير)، ملڪوال (منڊي بهاؤالدين)، سرگودا، ملتان، حيدرآباد (قادر

ائوينيو) ۽ ڪراچي (گلستانِ جوهر) ۾ مدرسةُ المدينہ براءِ نابينا، ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري رهيا آهن، جڏهن تہ لاهور ۾ پڻ هڪ عظيمُ الشان مدرسي جي شروعات جلد ٿيڻ واري آهي. قابلِ تعريف ڳالهہ هيءَ آهي تہ حيدرآباد ۾ جامعة المدينہ براءِ نابينا ذريعي ڪين عالمِ دين بڻائڻ جي اعليٰ تعليم پڻ ڏني پئي وڃي.

**جديد ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽل پهچ:** وقت جي تقاضن کي سمجهندي دعوتِ اسلامي اسپيشل پرسنز موبائيل ايپليڪيشن متعارف ڪرائي آهي، جنهن ۾ آڊيو بڪس ۽ ٻين فيچرز ذريعي سکڻ جو عمل آسان بڻايو ويو آهي.

**عملي تربيت ۽ سماجي شموليت:** دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ انهن ماڻهن لاءِ مخصوص جڳهہ ۽ خصوصي سسٽم هوندو آهي تہ جيئن هو بغير ڪنهن تڪليف جي دين سکن. رڳو اهو ئي نہ، پر اهي باهمت ماڻهو قافلن ۾ سفر ڪندا آهن ۽ هر سال رمضانُ المبارڪ ۾ اجتماعي اعتڪاف جي برڪتن سان پڻ فيضياب ٿيندا آهن.

**فيلڊ ورڪ:** دعوتِ اسلامي جون ٽيمون نہ صرف اسپيشل اسڪولن ۾ وڃي نيڪي جي دعوت ڏينديون آهن پر انهن جي والدين ۽ سرپرستن لاءِ خصوصي ٽريننگ سيشنز پڻ منعقد ڪنديون آهن. انهن ملاقاتن جو مقصد والدين جي دلين مان مايوسي ختم ڪري ڪين اهو ذهن ڏيڻ آهي تہ سندن ٻار بارُ نہ پر اثاثو آهن دعوتِ اسلامي انهن جي ٻارن جي مڪمل ذميداري کڻندي انهن کي تعليم ۽ تربيت محفوظ طريقي سان وٺڻ جي پيشڪش ڪندي آهي.

(1) پ30، عبس: 1 تا 4 - خازن، 353/4. (2) تفسير ڪبير، 52/11. (3) سبل الهديٰ والرشاد، 423/2. (4) بخاري، 4/6، حديث: 5653. (5) تاريخ ابن عساڪر، 267/19؛ معجم ڪبير، 211/5. (6) ترمذي، 179/4، حديث: 2408. (7) احياء العلوم، 858/4. (8) تاريخ الخلفاء، ص 61. (9) مسند الفردوس، 350/5، حديث: 8397. (10) تاريخ ابن عساڪر، 3/48.

---

(i) پ 30، عَبَس: 1تا 4 -خازن ، 353/4، پ 30، عبس، تحت الآيہ: 1تا 4
(ii) تفسيرکبير،52/11،پ30،عبس، تحت الآية:1
(iii) سبل الہدی والرشاد، 423/2
(iv) بخاری، 4/6، حديث: 5653
(v) تاريخ ابن عساکر، 267/19، رقم: 2328، حديث: 4437ـ معجم کبير، 211/5، حديث: 5126
(vi) ترمذی،179/4، حديث:2408
(vii) احياء العلوم،858/4
(viii) تاريخ الخلفاء، ص 61
(ix) مسند الفردوس،350/5،حديث:8397
(x) مسند الفردوس،350/5،حديث:8397

## ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا 6 نالا

## ماهوار فيضانِ مدينہ مارچ 2026ع

مديني جي سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: انسان پنهنجي ٻار کي سڀ کان پهريون تحفو نالي جو ڏيندو آهي، تنهنڪري کيس گهرجي تہ ان جو نالو سٺو رکي. (جمع الجوامع ، 3/ 285، حديث : 8875) هتي ٻارن ۽ ٻارڙين لاءِ 6 نالا، انهن جون معنائون ۽ نسبتون پيش ڪيون وڃن ٿيون:

### ڇوڪرن جا 3 نالا:

| نالو | سڏڻ لاءِ | معنيٰ | نسبت |
|---|---|---|---|
| محمد | شفيق | مهربان | رسول پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو صفاتي نالو |
| | اَشرف | وڌيڪ شرافت وارو | صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو مبارڪ نالو |
| محمد | عبدُالرزاق | | غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي شهزادي جو مبارڪ نالو |

### ڇوڪرين جا 3 نالا

| نالو | معنيٰ | نسبت |
|---|---|---|
| سوده | ڪاري رنگت واري | نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي شهزادي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْها جو با برڪت نالو |
| رَملہ | زمين جو اوچو حصو | صحابيہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْها جو با برڪت نالو |
| اَنِيقَہ | وڻندڙ | هڪ بزرگ خاتون جو نالو |

(جن وٽ پٽ يا ڌيءَ جي پيدائش ٿئي، اهي چاهين تہ انهن نسبت وارن 6 نالن مان ڪو بہ هڪ نالو رکي سگهن ٿا)



# عيدون، الله جو تحفو

## مولانا محمد جاويد عطاري مدني

اسان جا پيارا نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن مديني پاڪ ۾ تشريف کڻي آيا ته پاڻ سڳورن ڏٺو ته ماڻهن راند روند ۽ کيل تماشي لاءِ ٻه ڏينهن خاص ڪري رکيا آهن. پڇڻ تي ٻڌايائون ته اسان جاهليت واري دور ۾ انهن ڏينهن ۾ رانديون ڪيڏندا هئاسين. تنهن تي جنابِ رسولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِنَّ اللہَ قَدْ اَبْدَلَکُمْ بِهِمَا خَيْرًا مِّنْهُمَا يَوْمَ الْاَضْحٰى وَيَوْمَ الْفِطْرِ يعني بيشڪ الله پاڪ توهان کي انهن ٻنهي ڏينهن جي بدلي ۾ ٻه بهتر ڏينهن عطا فرمايا آهن: هڪ عيد الاضحیٰ (قربانيءَ واري عيد) جو ڏينهن ۽ ٻيو عيد الفطر جو ڏينهن. (i)

پيارا ٻارؤ! جاهليت جو زمانو اهو دور هو جڏهن ماڻهن تائين اسلام جي تعليم نه پهتي هئي. نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻڌايو ته الله پاڪ اسان کي ٻه بهترين ۽ پاڪيزه ڏينهن ڏنا آهن جن ۾ اسان الله جي رضا مطابق خوشيون ملهائيندا آهيون.

عيد الاضحیٰ (وڏي عيد) ذوالحج مهيني جي 10 تاريخ تي ملهائي ويندي آهي. هي عيد حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِمَا السَّلَام جي قربانيءَ جي ياد ڏياريندي آهي. ۽ رمضان جي روزن کانپوءِ پهرين شوال تي عيد الفطر (ننڍي عيد يا مٺي عيد) ملهائي ويندي آهي.

عيد جو ڏينهن برڪت، رحمت ۽ بخشش وارو ڏينهن آهي. هي ڏينهن الله جو شڪر ادا ڪرڻ، سٺا طعام تيار ڪرڻ، غريبن جي مدد ڪرڻ، مٺن مائٽن سان ملڻ ۽ خوشيون ملهائڻ جو ڏينهن آهي. لفظ ”عيد“ جي معنيٰ ئي ”خوشي“ آهي، تنهنڪري ان ڏينهن تي خوش ٿيڻ ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ گهرجي.

### ٻارؤ! عيد جي ڏينهن هي نيڪ ڪم ڪريو:

صبح جو سوير اٿو، وهنجي سهنجي سٺا ڪپڙا پايو. اسان جا پيارا نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عيد الفطر جي ڏينهن ڪجهه کائي پوءِ نماز لاءِ تشريف کڻي ويندا هئا. (ii) جيڪڏهن ٿي سگهي ته توهان به ڪجهه کائي عيد جي نماز لاءِ وڃو ۽ پنهنجي وڏڙن سان گڏجي عيد جي نماز پڙهو. عيدگاهه ويندي رستي ۾ هي ڪلمات پڙهو: اَللہُ اَکْبَرْ، اَللہُ اَکْبَرْ، لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللہُ وَ اللہُ اَکْبَرْ، اَللہُ اَکْبَرْ، وَلِلّٰہِ الْحَمْد

ترجمو: الله سڀ کان وڏو آهي، الله سڀ کان وڏو آهي، الله کانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق ناهي ۽ الله سڀ کان وڏو آهي، الله سڀ کان وڏو آهي ۽ الله لاءِ ئي سڀ تعريفون آهن. (iii) رسولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن عيد جي نماز لاءِ هڪ رستي کان تشريف کڻي ويندا هئا ۽ ٻئي رستي کان واپس موٽندا هئا. (iv)

پنهنجي والدين، ڏاڏي ڏاڏيءَ، ناني نانيءَ، چاچي، مامي ۽ سيني سان ملو. خاندان جي بزرگن جي دست بوسي ڪريو (هٿ چمو) ۽ سندن دعائون وٺو. پنهنجن ننين ڀائرن، ڀينرن ۽ مائٽن جي ٻارن سان گڏ عيد جو ڏينهن خوشيءَ سان گذاريو.

عيد خوشيءَ جو ڏينهن آهي، ڪنهن سان جهيڙو نہ ڪريو، ڪنهن کي تڪليف نہ ڏيو ۽ سيني سان سٺو سلوڪ ڪريو. جيڪڏهن عيدي ملي تہ خوش ٿيو، چاهي اها گهٽ هجي يا وڌيڪ. ٻين سان موازنو نہ ڪريو بلڪ شڪر ادا ڪريو. سڄا پئسا رانديڪن ۽ چاڪليٽن وغيره ۾ نہ اڏايو، ڪجهہ پئسا بچايو ۽ پنهنجي ضرورت جي شين تي خرچ ڪريو. اللہ پاڪ اسان کي حديثون پڙهي انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

---

(i) دیکھیے: ابوداؤد، 418/1، حدیث: 1134
(ii) ترمذی،70/2،حدیث: 542
(iii) دیکھیے:نماز عید کا طریقہ، ص7
(iv) ترمذی، 69/2، حدیث:541



# ڏيئرن کي مسئلن جو حل ڳولڻ سيکاريو

اُمِّ ميلاد عطاريہ

"ڌيءُ" جو لفظ ٻڌندي ئي دل ۾ محبت، نرمي ۽ سڪون جي هڪ لهر ڊوڙي ويندي آهي. ڌيءُ اهو نازڪ گل آهي جيڪو پنهنجي وجود سان گهر کي جنت جو رنگ ڏيندو آهي. پر ياد رکو! هي نازڪ گل صرف حفاظت جو محتاج ناهي هوندو، بلڪ ان کي زندگيءَ جي تيز رفتار طوفانن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ حوصلي ۽ دانائيءَ جي ضرورت بہ هوندي آهي. اڄوڪي دور ۾ جتي زندگي نوَن نون امتحانن سان ڀريل آهي، اسان پنهنجي ڌيئرن کي صرف روايتي تعليم تائين محدود نہ رکون، بلڪ کين مسئلن جو حل ڳولڻ جو حوصلو ۽ شعور بہ ڏيون.

اسان جي ڌيئرن کي سيکارڻ جي اهم شيءِ سوچڻ، سمجهڻ ۽ پنهنجي مسئلن جو حل پاڻ ڳولڻ بہ آهي، جو تہ اها ڌيءُ جيڪا ڏکي وقت ۾ همت نہ هاري، جيڪا حالتن جي طوفان ۾ بہ پنهنجو رستو پاڻ ڳولي وٺي، اصل ۾ اها ئي ڌيءُ حقيقي معنيٰ ۾ ڪامياب ۽ باوقار بڻجندي آهي. والدين کي گهرجي تہ اهي پنهنجي ڌيئرن کي فيصلو ڪرڻ جو حوصلو ڏين. جڏهن ڪو ننڍو مسئلو سامهون اچي، چاهي اهو گهر جي ڪا ذميواري هجي يا تعليم جو معاملو، انهن کان راءِ وٺو، کين غور و فڪر جو موقعو ڏيو. کين اهو احساس ڏياريو تہ سندن سوچ جي قدر آهي ۽ سندن راءِ اهم آهي. اهي ئي ننڍڙا موقعا اڳتي هلي سندن اندر اعتماد، بصيرت ۽ پنهنجي پيرن تي بيهڻ جو جذبو پيدا ڪندا آهن.

ڌيءُ کي زندگيءَ جي لاهَن چاڙهَن جو مقابلو ڪرڻ سيکارڻ اصل ۾ سندس اندر اهو يقين پيدا ڪرڻ آهي تہ مان ڪمزور ناهيان، مان پنهنجي مسئلن جو حل ڳولي سگهان ٿي. جڏهن اسان پنهنجي ڌيئرن کي صرف سهارو نہ بلڪ حوصلو ڏيڻ سيکاري وٺنداسين، تڏهن اهي زندگيءَ جي هر ميدان ۾ ڪاميابيءَ جا ڏيئا روشن ڪنديون. اهي ماءُ بڻجي اولاد جي رهنمائي ڪنديون، استاد بڻجي نسلن کي روشني ڏينديون، سَسُ بڻجي خاندان ۾ محبت، حڪمت ۽ فهم و فراست سان خوشي، اتحاد ۽ استحڪام جو ذريعو بڻجنديون، ناني، ڏاڏي، ڦُڦي يا ماسي بڻجي اهي نرمي، محبت ۽ علم سان ٻارن جي شخصيت سنواريندي ون ۽ زال بڻجي پنهنجي جيون ساٿيءَ جي ڏک سک جو ساٿي بڻجنديون. اچو! اسان پنهنجي ڌيئرن کي ڪمزور نہ پر مضبوط بڻايون. کين شڪايت ڪرڻ نہ، بلڪ سوچڻ ۽ حل ڳولڻ سيکاريون.

ڌيئرن جي تربيت ۾ سڀ کان اهم پهلو اهو آهي تہ کين نہ صرف ديني ۽ دنياوي تعليم ڏني وڃي، بلڪ زندگيءَ جي مسئلن کي سڃاڻڻ ۽ انهن جو حل ڳولڻ جي صلاحيت بہ سيکاري وڃي. ڌيئرن کي مسئلن جو حل قرآن جي روشنيءَ ۾ سيکاريو. هي عنوان ٽن بنيادي اسلامي اصولن کي گڏ ڪري ٿو. (1) صبر: مشڪلاتن ۾ ثابت قدم رهڻ. (2) شعور: علم ۽ سمجهہ جي ذريعي مسئلي کي سڃاڻڻ. (3) همت ۽ حوصلو: حل جي طرف عملي قدم کڻڻ. اسلامي تعليمات مطابق ڌيئرن کي مسئلن جو حل ڳولڻ سيکارڻ هڪ اهم تربيتي فرض آهي، جيڪو سندن خود اعتمادي، سمجهہ ۽ روحاني ترقيءَ جو ذريعو بڻجي ٿو. هي مضمون انهيءَ تربيتي اصول کي اجاگر ڪري ٿو.

قرآني تعليمات: قرآن مجيد ۾ حضرت مريم، حضرت آسيہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہما ۽ ٻين عورتن جا واقعا اسان کي سيکارين ٿا تہ عورت بہ مشڪلاتن ۾ صبر، حڪمت ۽ تدبر سان ڪم وٺي سگهي ٿي. حضرت خديجہ، حضرت عائشہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہما ۽ ٻين

مثالي عورتن جي زندگيءَ مان سبق حاصل ڪريو. ڌيئرن کي اسلام جي بزرگ عورتن جا واقعا ٻڌايا وڃن ته جيئن اهي پنهنجي مسئلن کي الله تي توڪل ڪندي حل ڪن.

**تعليماتِ نبوي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي نياڻي حضرت فاطمہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا کي نہ صرف محبت ڏني بلڪ عملي زندگيءَ جي مسئلن سان منهن ڏيڻ جي تربيت بہ ڏني. سندن زندگي سادگي، صبر ۽ سمجھ جو هڪ اعليٰ مثال آهي.

**دعا ۽ مشورو:** اسلام ۾ دعا کي مسئلي جي حل جو اهم ذريعو قرار ڏنو ويو آهي. ڌيئرن کي سيکاريو تہ اهي هر مشڪل ۾ الله پاڪ ڏانهن رجوع ڪن، نمازن جي پابندي ڪنهن بہ حال ۾ نہ ڇڏين، نفلن جي ڪثرت ڪن ۽ اهلِ علم توڙي تجربيڪار ماڻهن سان مشورو ڪرڻ بہ سِکن.

**تربيت جا طريقا:** سوال پڇڻ تي حوصلہ افزائي ڪريو. ڌيئرن کي سيکاريو تہ اهي مناسب انداز ۾ سوال ڪن، حقيقت کي ڄاڻِين، پر اهڙيون ڳالهيون جن جو ڄاڻڻ شرعي طور ضروري هجي يا زندگيءَ جي ضرورت هجي. اهڙيون ڳالهيون جن جي جُستجو ۾ پوڻ سان گهر جو سڪون خراب ٿئي، انهن کان پري رهن. ڌيئرن کي سيکاريو تہ مڙس کان هر ڳالهہ جو سوال ڪندو رهڻ ۽ کيس بار بار ڪوٺڻ بہ درست ناهي.

**عملي مشقون ڪرايو:** روزمره جي مسئلن، جيئن سهيلِن سان اختلاف يا تعليمي دٻاءُ تي ڳالهائين ۽ حل ڳولڻ جي مشق ڪرائين.

**اخلاقي تربيت:** سچائي، عدل ۽ صبر جهڙن اسلامي اخلاقي اصولن کي مسئلن جي حل ۾ شامل ڪريو. هي تربيت نہ صرف سندن ذاتي زندگيءَ ۾ مددگار ٿيندي بلڪ اهي معاشري ۾ بہ مثبت ڪردار ادا ڪنديون. هاڻي چاهي ديني مسئلا هجن يا دنياوي، هر پهلوءَ کان پنهنجي ڌيئرن جي تربيت ڪريو. مثال طور: جيڪڏهن زندگيءَ ۾ ڪا قدرتي آفت اچي وڃي تہ هوءَ ڊپريشن ۾ وڃڻ بدران صبر ۽ همت کان ڪم وٺي. پئسي جي تنگي هجي تہ کيس حلال ذريعن سان ڪمائڻ، اسراف کان بچڻ ۽ ڪفايت شعاري ڪرڻ ايندي هجي، بجاءِ ان جي تہ هوءَ بنا ضرورت سوال ڪري ٻين جي محتاج بڻجي. گهريلو جهيڙا هجن تہ کيس پنهنجي مٺي زبان، نرم لفظن ۽ حسنِ اخلاق سان سخت دل کي بہ ميڻ ڪرڻ ايندو هجي. گهر ۾ اوچتو مهمان اچي وڃن تہ چا چا ۽ کيترو رڌ پچاءُ ڪرڻو آهي، اهو سڀ کيس معلوم هجي. گهر ۾ ڪا ايمرجنسي يا حادثو پيش اچي وڃي تہ گهٻرائڻ بدران کيس "فرسٽ ايڊ" (ابتدائي طبي امداد) ڏيڻ ايندي هجي.

ڌيءَ جيڪڏهن زندگيءَ ۾ ڪنهن مشڪل يا چيلنج سان منهن ڏئي ٿي تہ ان لاءِ سڀ کان قيمتي اثاثو سندس سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت آهي. والدين کي گهرجي تہ اهي پنهنجي ڌيئرن کي هر ڳالهہ ۾ ٻين تي انحصار ڪرڻ بدران پاڻ سوچڻ، تجزيو ڪرڻ ۽ درست فيصلو ڪرڻ جي تربيت ڏين. کين سمجهائين تہ مشڪل وقت ۾ گهٻرائڻ بدران ترسي ڪري مسئلي کي ڏسن، ان جا سبب ڄاڻين ۽ ممڪن حل تلاش ڪن. گهر جي ننڍن ننڍن ڪمن ۾ بہ ڌيئرن کي شريڪ ڪن. جيڪڏهن ڪو مسئلو پيدا ٿئي تہ فوراً پاڻ حل ڪرڻ بدران انهن کان مشورو وٺن ۽ سندن راءِ کي اهميت ڏين. ان سان سندن اندر اعتماد پيدا ٿيندو تہ اهي ڪنهن بہ صورتحال جو مقابلو پاڻ ڪري سگهن ٿيون. هي تربيت مستقبل ۾ جڏهن اهي عملي زندگيءَ ۾ قدم رکنديون، چاهي اهي ماءُ، استاد، ڊاڪٽر يا ڪنهن بہ شعبي سان لاڳاپيل هجن، سندن اندر فيصلو ڪرڻ ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت ۽ جرئت موجود هوندي. پنهنجي اولاد جي بهترين تربيت لاءِ هر هفتي عشاء جي نماز کانپوءِ ٿيندڙ مدني مذاڪري کي مدني چينل تي ضرور ڏسندا ڪريو.



(ٻئين ۽ آخري قسط)

# جنگ بدر جو پس منظر

بلال حسين

عُشيره ۽ بدر جي وچ واري عرصي ۾ هڪ پيو واقعو پيش آيو هو: پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حضرت عبدالله بن جَحش جي اڳواڻي ۾ 8 يا 12 صحابين تي مشتمل هڪ دستو جاسوسيءَ لاءِ (مڪي ۽ طائف جي وچ ۾ واقع) مقامِ "نخله" ڏانهن روانو فرمايو. اتي مجبوراً سندن مقابلو قريش جي هڪ قافلي سان ٿي پيو، جنهن ۾ عَمرو بن حَضرمي مارجي ويو، جڏهن ته حڪم بن ڪيسان (جنهن بعد ۾ ايمان آندو هو) ۽ عبدالله بن مُغيره جي پٽ عثمان کي صحابين گرفتار ڪري مال ۽ سامان سان لڏيل اُٺن سميت مديني وٺي آيا. تاريخ ۾ ان مهم کي "سريہ عبدالله بن جحش" جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. (i)

قريش جا ڪافر ان واقعي جي ڪري پهريان ئي ڪاوڙ ۽ غصي ۾ هئا، ڇو ته قتل ٿيندڙ ۽ گرفتار ٿيندڙن جو تعلق مڪي جي معزز گهراڻن سان هو. اهڙي وقت ۾ ضَمضَم بن عَمرو مڪي اچي ابوسفيان جو اهو پيغام ٻہ پهچايو ته: مسلمان توهان جي هن قومي تجارتي قافلي کي ٻہ نظر ۾ رکيو ويٺا آهن، تنهنڪري هن قافلي جي مدد لاءِ پهچو! اهو ٻڌي مڪي ۾ هلچل مچي وئي، مڪي ج ڪافر انتقام جي جوش ۾ جذباتي ٿي چوڻ لڳا: محمد سندس ساٿي ڇا ٿا سمجهن ته هو هن قافلي کي ٻہ ابنِ حضرمي جي قافلي وانگر ڦڙڪائي ويندا؟ خدا جو قَسم! هاڻي ڪين خبر پئجي ويندي. مطلب ته ابولهب ڪانسواءِ مڪي جا سمورا سردار مڪمل هٿياربند ٿي، وڏي تعداد ۾ جنگي سامان ۽ کاڌو خوراڪ سان گڏ تقريباً هڪ هزار جو لشڪر وٺي نڪري پيا. (ii)

رستي ۾ جڏهن حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي اها خبر ملي ته هيءَ مهم هاڻي هڪ نئون رخ اختيار ڪري چڪي آهي، يعني قريش پنهنجي قافلي جي حفاظت لاءِ باقاعده جنگي فوج جي صورت ۾ بدر ڏانهن اچي رهيا آهن، ته پاڻ سڀني ان تجارتي قافلي جي بدران قريش جي جنگي لشڪر سان ٿيندڙ ممڪنہ مقابلي بابت آگاهہ ڪندي پوري صورتحال صحابين سڀني جي سامهون رکي ڇڏي. (iii) جنهن ڪانپوءِ صحابين تمام گهڻي جوش ۽ جذبي جو اظهار ڪيو ۽ هن جهاد ۾ خوشيءَ سان شريڪ ٿيڻ جو وعدو ڪيو. انصارن ۽ مهاجرن جون تقريرون ٻڌڻ ته هي چئي رهيون هيون ته: بدر ڇا ۽ قريش جا ڪافر ڇا! توهان جي حڪم تي ته اسان روم ۽ فارس کي ٻہ پنهنجي تلوارن جا جوهر ڏيکارڻ لاءِ تيار آهيون. (iv)

ابوسفيان، جيڪو حجاز جي سرحد ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ئي قاصد روانو ڪري چڪو هو، جڏهن بدر جي ويجهو پهتو ته سخت پريشان هو. هو وڏي هوشياريءَ سان قافلي کي اڳتي وڌائي رهيو هو. هو بدر جي رستن کان چڱي طرح واقف هو ۽ ان کي پورو اندازو هو ته ڪهڙي هنڌ تي مورچو لڳي سگهي ٿو، ان ڪري رستي ويندڙن ۽ قافلن کان مسلمانن بابت پڇا ڳاڇا ڪندو رهيو. بدر جي ويجهو پهچي قافلي کان الڳ ٿي پاڻ مسلمانن جو پتو لڳائڻ لاءِ نڪتو ۽ ان هنڌ تي آيو جتي رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جا جاسوس حضرت بَسْبَس ۽ حضرت عَدي

رَضِيَ اللهُ عَنْهما ترسيل هئا. هتي ابوسفيان مَجدي بن عَمرو بدويءَ کان پڇا ڪئي. مجدي مدني جاسوسن کي ڏٺو ته هو پر کيس اها خبر نه هئي ته هو ڪير هئا ۽ ڇو آيا هئا. هن صرف ايترو ٻڌايو ته: ٻه سوار هن جبل وٽ رڪيا هئا، پوءِ پاڻي پي واپس هليا ويا. ابوسفيان لاءِ اها خبر ٻه ڪافي هئي. هو ان جاءِ تي پهتو جتي جاسوس ڪجهه دير رڪيا هئا، اتي اُٺن جي ڇيڻن ذريعي جاچ ڪيائين ته انهن اُٺن مديني جو چارو کاڌو آهي، مطلب ته اهي سوار مدني جاسوس هئا. اها ڳالهه خطري جي گهنٽي هئي، تنهنڪري هو فوراً قافلي ڏانهن پڳو ۽ رستو بدلائي، بدر کي پنهنجي کاٻي هٿ تي رکندي ڳاڙهي سمنڊ (Red Sea) جي ڪوسٽل لائن (ساحلي پٽي) تان تيزيءَ سان قافلو وٺي نڪري ويو. (v)

ان حڪمت عملي سان ابوسفيان بچي نڪتو ۽ جڏهن ان کي پنهنجي حفاظت جو پورو اطمينان ٿيو ته هن قريش کي هڪ تيز رفتار قاصد هٿان پيغام موڪليو ته: توهان مڪي واپس هليا وڃو، ڇو ته اسان مسلمانن جي حملي کان بچي ويا آهيون ۽ جان و مال جي سلامتيءَ سان مڪي پهچي رهيا آهيون. رستي ۾ ڪفارِ مڪه کي جڏهن ابوسفيان جو اهو خط مليو ته انهن جي وچ ۾ راءِ جو اختلاف پيدا ٿي پيو. قريش جي ڪجهه سمجهدار ماڻهن جنگ نه ڪرڻ جي صلاح ڏني، بلڪه ڪجهه ماڻهو ته واپس به مڙي ويا، پر ابوجهل هر حال ۾ پنهنجي موت ڏانهن وڃڻ پئي چاهيو. ان جي ذهن ۾ صرف بدر جي عيش عشرت، ذبح ٿيندڙ اُٺ، قريشي لشڪر جون نچندڙ عورتون ۽ مسلمانن جو وهندڙ رت هو. هو واپس وڃڻ جو ڇوڙ وارن تي ڪاوڙجي پيو ۽ اڳتي وڌڻ تي ضد ڪيائين. مطلب ته بنو زُهره ۽ بنو عَدي کانسواءِ باقي قبيلن جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پنهنجو سفر جاري رکيو. (vi)

نيٺ 17 رمضانُ المبارڪ تي ميدانِ بدر ۾ ٻئي لشڪر آمهون سامهون ٿيا: هڪ طَرف اهو لشڪر آهي جنهن جو تعداد تقريباً ٽي سئو تيرهن آهي، وٽن صرف هڪ اڌ گهوڙو، 70 اُٺ، 6 زرهون ۽ 8 تلوارون آهن، باقي غازين وٽ ڪجيءَ جون لٺيون هيون. جڏهن ته ٻئي طرف اهڙو لشڪر هو جنهن ۾ عتبه، شيبه ۽ ابوجهل سميت قريش جا اٽڪل هڪ هزار مشهور ويڙهاڪ موجود هئا، وٽن 100 گهوڙا، 700 اُٺ ۽ وڏو جنگي سامان پڻ هو. (vii) هڪ طرف اهو لشڪر آهي جنهن ابوسفيان جي تجارتي قافلي کي روڪڻ جي ارادي سان مدينو ڇڏيو هو، نه کي ڪفارِ مڪه جي نالي وارن سردارن ۽ جنگي فن جي ماهرن سان وڙهڻ جي تياريءَ سان: جڏهن ته ٻئي طرف مڪي جا اهي قبيلا آهن جيڪي پوريءَ تياريءَ سان صف بندي ڪري بيٺا آهن.

پر جڏهن جنگ جو نغارو وڳو ۽ مبارزت (آمهون سامهون مقابلي) سان شروع ٿيندڙ هن معرڪي ۾ ٻئي لشڪر هڪٻئي سان ٽڪرايا، ته صحابهءِ ڪرام اهڙي ته بهادريءَ سان وڙهيا جو ڪفارِ مڪه جو سڄو جوش، وَلوَلو ۽ تڪبر خاڪ ۾ ملي ويو. الله جي مدد اهڙي طرح شاملِ حال هئي جو ميدان ۾ ملائڪن به جنگ ڪئي. هن ريگستان جي رڻ ۾ جڏهن عتبه، شيبه ۽ ابوجهل جهڙا نالي وارا سردار ماريا ويا ته ڪافرن جا ٽَرا نڪري ويا ۽ هنن بزدلن وانگر ڀڄڻ شروع ڪيو.

اهڙي طرح هيءَ جنگ مسلمانن جي واضح فتح سان پڄاڻي تي پهتي، جنهن ۾ مڪي جي ڪافرن جا 70 ويڙهاڪ جهنم واصل ٿيا ۽ 70 ئي گرفتار ٿيا، جڏهن ته 14 مسلمانن شهادت جو جام پيتو، جن مان 6 مهاجر ۽ 8 انصار هئا. (viii)

هن جنگ ڪانپوءِ قريشِ مڪہ ۾ ماتم مچي ويو. قريش بہ پهريون ڀيرو سوڳ جو دور ڏٺو ۽ هاڻي هو ڄاڻي چڪا هئا تہ مسلمانَ ڪو سولو شڪار ناهن. هن فتح هڪ نئين نظريي جو بنياد وڌو تہ جنگ ۾ تعداد ۽ وسيلا هار جيت جو معيار ناهن. هن فتح سان رياستِ مدينہ طاقت ۽ استحڪام جي پهرين چوٽي پَار ڪئي، جنهن جي ڪري مديني جي يهودي قبيلن تي بہ دٻاءُ پيو ۽ ايندڙ جنگين لاءِ مسلمانن جا حوصلا بہ بلند ٿيا تہ هاڻي اسان اهڙي رياست بڻجڻ وڃون پيا جيڪا ڪنهن سان بہ ٽڪرائڻ جي سگهہ رکي ٿي.

وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْاَنْصَارِ وَ الْمُهَاجِرِیْن

(i) زرقانی علی المواہب،237/2تا239
(ii) زرقانی علی المواہب، 263/2- سیرت حلبیہ،201/2
(iii) سیرت ابن ہشام، ص254
(iv) زرقانی علی المواہب،265/2تا268
(v) سیرت ابن ہشام،ص255
(vi) سبل الہدی والرشاد،29/4، 30-سیرت ابن ہشام،ص255، 256
(vii) زرقانی علی المواہب، 260/2، 261 -مدارج النبوۃ،81/2-مرأۃ المناجیح، 596/5
(viii) سیرتِ ابن ہشام، ص295تا 299-زرقانی علی المواہب، 325/2-سیرتِ مصطفیٰ، ص232



# دارُالافتاء

مفتي محمد قاسم عطاري

## (1) بي عمل هجڻ جي باوجود ٻين کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جو حڪم

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين هن مسئلي جي باري ۾ ته اڄڪلهه هي جملو عام طور تي چيو ويندو آهي ته: اَسين ته پاڻ گنهگار آهيون، ٻين کي ڪهڙي نيڪيءَ جي دعوت ڏيون؟ مون کي اها رهنمائي گهربل هئي ته هن جملي جي حقيقت ڪهڙي آهي؟ ڇا ٻين کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ لاءِ پاڻ باعمل هئڻ ضروري آهي؟ يا پنهنجي عمل ۾ ڪوتاهيءَ باوجود ٻين کي نيڪيءَ جي دعوت ڏئي سگهجي ٿي؟ تفصيل سان رهنمائي فرمائيندا.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ ۽ برائيءَ کان روڪڻ اُمتِ محمديه جي نمايان خوبين مان هڪ اهم وصف آهي. هن عظيم خوبيءَ جي ڪري ئي خالقِ ڪائنات عزوجل هن اُمت کي سيني اُمتن کان بهترين امت قرار ڏنو آهي. تنهنڪري جنهن طرح هر مسلمان لاءِ پاڻ کي گناهن کان بچائڻ ضروري آهي، اهڙي ئي طرح پنهنجي گهر وارن ۽ ٻين مسلمانن کي به طاقت ۽ توفيق آهر، حڪمتِ عمليءَ سان گناهن کان روڪڻ لازم آهي. وڌيڪ هي ته پنهنجي عمل ۾ ڪوتاهي جيتوڻيڪ صحيح ناهي ۽ اها به الله پاڪ جي ناراضگيءَ جو سبب آهي، پر ان ڪوتاهيءَ جي ڪري ٻين کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ ۽ برائيءَ کان روڪڻ واري فرض تان هٿ کڻڻ درست ناهي. جو ته پاڻ نيڪ ڪم ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ هڪ واجب آهي ۽ ٻين کي طاقت آهر گناهن کان روڪڻ ٻيو واجب آهي. جيڪڏهن هڪ واجب تي عمل ناهي، ته گهرجي ائين ته ان ڪميءَ کي پورو ڪجي، نه ڪي هڪ جرم تي ٻيو جرم ڪندي ٻئي واجب کي به ڇڏي ڏجي. تنهنڪري سوال ۾ بيان ڪيل جملو ته اَسين پاڻ گنهگار آهيون، ٻين کي ڪهڙي نيڪيءَ جي دعوت ڏيون درست ناهي. اسان تي لازم آهي ته شريعتِ مطهره تي هلندي پاڻ به گناهن کان بچون ۽ ٻين کي به طاقت آهر، حڪمتِ عمليءَ سان بچايون.

**نوٽ:** اهڙي جڳهه جتي غالب گمان هجي ته سامهون وارو نه مڃيندو يا فتنو ۽ فساد پيدا ٿيندو، اتي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ ۽ برائيءَ کان روڪڻ لازم ناهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (2) سلام جو ثواب، جوابِ سلام جي ثواب کان وڌيڪ هئڻ جي حڪمت

**سوال:** علماءِ دين ۽ مفتيانِ ڪرام هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن ته سلام ڪرڻ واري کي وڌيڪ نيڪيون ملن ٿيون، جڏهن

تہ سلام جو جواب ڏيڻ واري کي گهٽ. حالانڪ سلام ڪرڻ سنت ۽ جواب ڏيڻ واجب آهي، ۽ قاعدي موجب واجب جو ثواب سنت کان وڌيڪ هوندو آهي. پر هتي سنت جو ثواب واجب کان وڌيڪ آهي، ان جو ڇا سبب آهي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

شرعي اصول اهو ئي آهي تہ واجب جو ثواب، واجب هئڻ جي حيثيت سان، سنت کان وڌيڪ هوندو آهي، جنهن ڪري ڪو بہ سنت عمل صرف ان ڪري تہ اهو سنت آهي، واجب کان افضل نٿو ٿي سگهي. واجب پنهنجي حقيقت ۽ شرعي درجي جي لحاظ کان هميشہ سنت کان افضل ۽ مٿانهون رهندو. تنهن هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي تہ گهٽ درجي واري عمل (مثلاً سنت ۽ نفل) سان گڏ ڪجھ اهڙيون فضيلتون، سبب يا اضافي خاصيتون جڙيل هونديون آهن، جن جي ڪري ان جو ثواب مٿانهين درجي واري عمل (فرض ۽ واجب) کان وڌي ويندو آهي. پر اها فضيلت ان خاص ٻاهرين سبب جي ڪري هوندي آهي، نہ ڪي سنت يا نفل هئڻ جي ڪري. ملاقات وقت سلام ڪرڻ ۽ جواب ڏيڻ، ٻئي مسلمان ڀاءُ سان محبت ۽ لڳاءُ جي اظهار جو ذريعو آهن، پر ڇوتہ سلام ڪرڻ وارو ان نيڪيءَ ۾ اڳرائي ڪندو آهي، ان ڪري ڪيس وڌيڪ ثواب ملي ٿو، ڇو تہ حديث پاڪ موجب نيڪيءَ ۾ اڳرائي ڪرڻ جوابي قدم کان ڪيترائي ڀيرا افضل ۽ اعليٰ هوندو آهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (3) هڪ شرعي فقير کي هڪ کان وڌيڪ قسمن جا ڪفارا ڏيڻ جو حڪم

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرع متين هن مسئلي جي باري ۾ تہ قسم جي ڪفاري ۾ هڪ شرعي فقير کي هڪ ڏينهن ۾ هڪ ئي وقت هڪ ئي صدقہ فطر جي مقدار جيترو ڏئي سگهجي ٿو، ان کان وڌيڪ ڏيڻ درست ناهي. هاڻي سوال اهو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص تي هڪ کان وڌيڪ قِسمن جا ڪفارا لازم هجن، تہ ڇا هڪ ئي ڏينهن ۾ هڪ ئي شرعي فقير کي هر ڪفاري جي بدلي الڳ الڳ صدقہ فطر ڏئي سگهجي ٿو؟ يعني هڪ فقير کي پهرين ڪفاري جو صدقہ فطر ڏيڻ ڪانپوءِ، ساڳئي ڏينهن ٻئي ڪفاري جي نيت سان ٻيو صدقہ فطر بہ ڏئي سگهجي ٿو يا نہ؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

جي ها! جيڪڏهن ڪنهن شخص تي هڪ کان وڌيڪ قِسمن جا ڪفارا لازم هجن، تہ هو هڪ ئي شرعي فقير کي هڪ ئي ڏينهن ۾ هڪ ڪفاري جي نيت سان صدقہ فطر ادا ڪرڻ ڪانپوءِ، ساڳئي فقير کي ان ئي ڏينهن ٻئي ڪفاري جو صدقہ فطر بہ ڏئي سگهي ٿو، شرط هي آهي هر ڪفاري جو صدقہ فطر جدا جدا ڪري ڏئي. جيڪڏهن ٻنهي ڪفارن جو صدقہ فطر هڪ ئي وقت (گڏجي) ادا

ڪندو، تہ صرف هڪ ڪفاري جي ادائيگي شمار ٿيندي. پر جڏهن هو هر ڪفاري جو صدقہ فطر الڳ الڳ ڏيندو، تہ هر ڪفاري جي ادائيگي شرعي طور صحيح ۽ معتبر ٿيندي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (4) چار رڪعتن واري نماز ۾ قعدھ اخيره ڪانپوءِ وساري پنجين رڪعت ۾ ويهڻ جو حڪم

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرع متين هن مسئلي بابت تہ جيڪڏهن ڪو شخص چار رڪعتن واري نماز ۾ قعده اخيره مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ سلام ڦيرائڻ بدران وساري پنجين رڪعت لاءِ بيهي رهي ۽ پنجين رڪعت جو سجدو ڪرڻ ڪانپوءِ کيس ياد اچي، تہ ان لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟ ڇا سجدو سهو ڪري سلام ڦيرائي سگهي ٿو؟ يا پنجين رڪعت ڪانپوءِ ڇهين رڪعت ملائڻ بہ لازم آهي؟ جيڪڏهن لازم آهي تہ ڇهين رڪعت نہ ملائڻ جي صورت ۾ ان نماز کي ٻيهر پڙهڻ ضروري آهي؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

چار رڪعتن واري نماز ۾ قعده اخيره مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن ڪو پنجين رڪعت لاءِ بيهي رهي، تہ ان لاءِ حڪم هي آهي تہ جيڪڏهن سجدو ڪرڻ کان اڳ ياد اچي وڃي، تہ واپس موٽي ۽ ويهي ۽ تشهد ٻيهر پڙهڻ بغير سجدو سهو ڪري نماز مڪمل ڪري. پر جيڪڏهن پنجين رڪعت جو سجدو ڪرڻ ڪانپوءِ ياد اچي، تہ اهڙي شخص کي گهرجي تہ وڌيڪ هڪ رڪعت (يعني ڇهين) ملائي آخر ۾ سجدو سهو ڪري نماز مڪمل ڪري، اهڙي طرح پهريون چار رڪعتون فرض ۽ باقي بہ نفل شمار ٿينديون. پر جيڪڏهن ڪو شخص ڇهين رڪعت نہ ملائي، بلڪ پنجين رڪعت مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ سجدو سهو ڪري سلام ڦيرائي ڇڏي، تہ بہ سندس نماز درست ٿي ويندي، نماز کي ٻيهر پڙهڻ لازم ناهي، ڇو تہ ڇهين رڪعت ملائڻ واجب ناهي بلڪ مستحب آهي، ۽ مستحب ڇڏڻ جي ڪري نماز کي موٽائڻ لازم ناهي هوندو. البت بهتر اهو آهي تہ اهڙي نماز کي ٻيهر پڙهيو وڃي، پر جيڪڏهن ڪو بہ نہ پڙهندو تہ گنهگار نہ ٿيندو.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم





سوشل ميڊيا

# سوشل ميڊيا انفلوئنسرز ۽ سندن ذميواريون

مولانا راشد نور عطاري مدني

اسان اهڙي تيز رفتار ڊجيٽل دور ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون جتي سوشل ميڊيا پليٽ فارمن جي گهڻائيءَ اظهارِ راءِ کي غير معمولي وسعت ڏئي ڇڏي آهي. اڄ هڪ عام آواز ڪجهه ئي لمحن ۾ هزارين بلڪ لکين ماڻهن تائين پهچي ويندو آهي. هن دور ۾ اهڙا چهرا ۽ شخصيتون به سامهون آيون آهن جن پنهنجي ذاتي چينلن، فني صلاحيتن ۽ پيشڪش جي منفرد انداز ذريعي ماڻهن جي دلين تي اثر قائم ڪيو آهي. اهي ئي ماڻهو اڄ سوشل ميڊيا انفلوئنسرز “(Social media influencers) سڏجي رهيا آهن

انفلوئنسر بڻجڻ لاءِ ڪنهن مخصوص ڊگري، عهدي يا خطابت جو مالڪ هجڻ ضروري ناهي. درحقيقت اثر جي قوت هر ان شخص ۾ هوندي آهي جنهن جي ڳالهه ٻڌي ويندي آهي ۽ جنهن جي رويي، خيالن ۽ طرزِ زندگيءَ کي ماڻهو اختيار ڪندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو ڪجهه فرد پنهنجي اخلاص، حڪمت، ماڻهن کي فائدو پهچائڻ جي جذبي، ديني قدرن جي نمائندگي، وطن سان وفاداري ۽ اميد افزا پيغام جي ڪري جلدي مقبوليت حاصل ڪري وٺندا آهن.

اثر انگيزي هڪ نعمت آهي ۽ هر نعمت سان گڏ هڪ ذميواري جڙيل هوندي آهي. سوشل ميڊيا تي اثر رکندڙ شخص دراصل هڪ امانت جو حامل هوندو آهي. سندس ذميواري صرف مواد (Content) پيدا ڪرڻ ناهي پر اهو سوچڻ به آهي ته سندس لفظ، وڊيوز ۽ تبصرا معاشري کي ڪهڙي رخ ۾ وٺي وڃي رهيا آهن: جو ته اثر انگيزي کي فالوورز جي تعداد سان نه پر ان جي مثبت ۽ فائدي وارن نتيجن مان پرکيو ويندو آهي.

دينِ اسلام اسان کي سيکاري ٿو ته هر لفظ ۽ هر عمل جو حساب آهي.

رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: ٻانهو الله جي رضا لاءِ زبان مان ڪا اهڙي ڳالهه ڪيندو آهي جنهن کي هو ڪا اهميت ناهي ڏيندو (يعني ان کي معمولي سمجهندو آهي) پر ان جي ڪري الله سندس درجا بلند ڪري ڇڏيندو آهي، ۽ هڪ ٻانهو زبان مان اهڙو ڪلمو ڪيندو آهي جيڪو الله جي ناراضگي جو سبب هوندو آهي، هو ان کي ڪا اهميت ناهي ڏيندو پر ان جي ڪري هو جهنم ۾ هليو ويندو آهي. (i)

هي حديث سوشل ميڊيا جي هر سرگرم فرد لاءِ هڪ آئينو آهي، جو نہ هتي چيل ڳالهہ صرف اسڪرين تائين محدود ناهي رهندي پر عرصي تائين زندهہ رهندي آهي ڪڏهن ثواب بڻجي تہ ڪڏهن وبال بڻجي.

ڪيترن ئي موقعن تي هڪ سچي ڳالهہ مايوس دل کي نئين زندگي ڏني، هڪ سٺي رويي گهر کي ٽٽڻ کان بچائي ورتو ۽ هڪ مثبت پيغام نوجوان کي گمراهي کان بچائي ورتو. ڪيتريون ئي زندگيون اهڙيون آهن جيڪي ڪنهن هڪ سچي پيغام، ڪنهن خيرخواهہ وڊيو يا ڪنهن بااخلاق شخصيت جي پيروي (Follow) ڪرڻ جي ڪري بدلجي ويون. اها ئي اصل اثر انگيزي آهي.

هڪ سچو انفلوئنسر اهو آهي جيڪو پاڻ کان هي سوال ڪندو رهي:

(1) مان جيڪو پيش ڪري رهيو آهيان، ان سان معاشري يا ماڻهن جي اصلاح ٿي رهي آهي يا بگاڙ؟

(2) ڇا هي اها ڳالهہ آهي جنهن سان مان الله جي حضور پيش ٿيڻ پسند ڪندس؟

الله تعاليٰ اهڙن ئي ماڻهن بابت فرمائي ٿو:

﴿اِنَّ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَیَجْعَلُ لَهُمُ الرَّحْمٰنُ وُدًّا(۹۶)﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا، عنقريب رحمٰن انهن جي لاءِ محبت پيدا ڪندو. (ii)

اها ئي اها قبوليت آهي جيڪا گوڙ، سنسني ۽ شهرت سان نہ، پر اخلاص ۽ خير سان ملندي آهي. اڄ اسان جي معاشري ۾ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اهڙا ڪيترائي بااثر فرد موجود آهن جن سوشل ميڊيا کي صرف تفريح نہ پر دعوت، تربيت، اخلاقيات، صحت، قومي سجاڳپ ۽ امن جو ذريعو بڻايو آهي. سندن مواد دلين کي جوڙيندو آهي، اميد جاڳائيندو آهي ۽ هڪ متوازن، باڪردار نسل جي تعمير ۾ ڪردار ادا ڪندو آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

﴿وَ مَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَاۤ اِلَى اللّٰهِ وَ عَمِلَ صَالِحًا وَّ قَالَ اِنَّنِیْ مِنَ الْمُسْلِمِیْنَ(۳۳)﴾ ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ان کان وڌيڪ ڪنهن جي ڳالهہ چڱي جيڪو الله جي طرف سڏي ۽ نيڪي ڪري ۽ چئي تہ بيشڪ مان مسلمان آهيان. (iii)

هتي هڪ اهم ذميواري فالوورز (پيروي ڪندڙن) تي بہ لاڳو ٿئي ٿي تہ اثر انگيزي جو دائرو صرف ڳالهائيندڙ تائين محدود ناهي، بلڪ ٻڌندڙ ۽ ڦهلائيندڙ بہ ان ۾ شريڪ آهن.

رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن ڪنهن ڀلائي جي ڪم جي رهنمائي ڪئي، تہ ان لاءِ اهو ڪم ڪرڻ واري جيترو ثواب آهي. (iv)

تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان انهن آوازن کي فروغ ڏيون جيڪي تعمير ڪن ٿا، نہ انهن کي جيڪي نفرت، بي راهہ روي ۽ انتشار کي وڌائين ٿا. آخر ۾ هي سمجهڻ ضروري آهي تہ سوشل ميڊيا انفلوئنسر هجڻ صرف شهرت ناهي پر ماڻهن جي تربيت ۾ شراڪت آهي. خوش نصيب آهن اهي ماڻهو جيڪي هن ذميواري کي سڃاڻن، پنهنجي موجودگي کي روشني بڻائين ۽ پنهنجي اثر کي خير، اصلاح ۽ هدايت جو ذريعو بڻائين. اهي ئي ماڻهو آهن جن جو ذڪر دلين ۾ زنده رهندو آهي ۽ جن لاءِ دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ ڪاميابي لکي ويندي آهي.

---

(i) بخارى، 4 / 241، حديث: 6478
(ii) پ 16، مريم: 96
(iii) پ 24، حٰمٓ السجدة: 33
(iv)مسلم، ص 809، حديث: 4899



# اُحد جبل وٽ

مولانا حيدرعلي مدني

شاگرد عيد جون موڪلون گذاري آيا تہ سندن چهرن تي اڃا تائين عيد جي خوشين جا رنگ نِکري رهيا هئا. هو هڪٻئي کي پنهنجي خوشين ڀرين لمحن بابت ٻڌائي رهيا هئا: ڪنهن عيد پنهنجي ڳوٺ ۾ ڏاڏا ڏاڏيءَ يا نانا نانيءَ سان گذاري هئي، جڏهن تہ ڪجهہ اهڙا هئا جن جا والد يا وڏا ڀاءُ ٻين شهرن ۾ هوندا آهن ۽ عيد تي وٽن آيا هئا، ان ڪري هو عيد جي خوشين جو مزو ٻيڻو ٿيڻ سبب وڌيڪ جوش ۽ جذبي سان پنهنجي عيد جي باري ۾ ٻڌائي رهيا هئا. ٻار انهن ڪچهرين ۾ مگن هئا تہ سر بلال ڪلاس ۾ داخل ٿيا.

سر بلال حسبِ عادت سلام ۽ دعا ڪانپوءِ سڀ کان پهرين وائيٽ بورڊ تي اڄوڪي سبق جو عنوان لکيو: **تاريخِ اسلام.**

تہ ٻارؤ! اميد آهي تہ توهان سڀني جي عيد خيريت سان گذري هوندي.

جي سر، سڀني ٻارن گڏجي وڏي آواز سان جواب ڏنو.

سر، توهان جي عيد ڪيئن گذري؟ اُسيد رضا پڇيو.

**سر بلال: هميشہ وانگر تمام سٺي.**

تہ ٻارؤ! اڄ اسان تاريخِ اسلام جي اهڙي واقعي بابت سکنداسين جيڪو نندي عيد کانپوءِ 15 شوال جي ڏينهن پيش آيو هو.“ ائين چوندي سر بلال وائيٽ بورڊ تي تاريخِ اسلام جي عنوان هيٺ نيري مارڪر سان لکي ڇڏيو: ”غزوهءِ اُحد“.

هجرت جي ٽئين سال مڪي جا مشرڪ بدلي جي باهہ ۾ سڙندي ٽن هزارن جو لشڪر وٺي مسلمانن کي ختم ڪرڻ جي ارادي سان حملو ڪرڻ آيا، تہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي سپهہ سالاريءَ ۾ صرف ست سئو ماڻهن تي مشتمل اسلامي لشڪر سندن مقابلي لاءِ مديني کان ٻاهر نڪتو. نيٺ مديني شريف کان ڪجهہ ڪلوميٽرن جي فاصلي تي واقع ”اُحد“ نالي جبل جي ويجهو ٻنهي لشڪرن جو مقابلو ٿيو.

ٻارؤ! جنگ جي شروعات ۾ مسلمانن جو پاسو وزني رهيو. اهي ڪافر جيڪي وڏا بهادر ٻڻجي نعرا هڻندا مسلمانن کي ختم ڪرڻ آيا هئا، جنگ شروع ٿيندي ئي ميدان مان ڀڄي ويا، پر پوءِ هڪ غلط فهميءَ جي ڪري سڄي صورتحال بدلجي وئي، جنهن جي ڪري مسلمانن کي ڪافي نقصان کڻڻو پيو، ايستائين جو ستر صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم بہ شهيد ٿي ويا.

**معاويہ: سر، اها غلط فهمي ڪهڙي هئي؟**

سر بلال: اصل ۾ ٻارؤ! غزوهءِ اُحد جبل تي وڙهيل جنگ هئي. اسان جي پياري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي جتي الله پاڪ دين ۽ دنيا جي هر شيءِ سيکاري هئي، اتي ئي جنگي منصوبابندي (Planning) جو بہ علم ڏنو هو. پاڻ ميدانِ جنگ ڏسندي ئي سمجهي ويا تہ ڪهڙي جاءِ تان خطرو ٿي سگهي ٿو، تنهنڪري پاڻ لشڪرِ اسلام جي پويان (يعني بيڪ سائيڊ تي) پنجاهہ تيرانداز مقرر ڪيا ۽ ڪين سختي سان تاڪيد بہ فرمائي تہ: **جيستائين منهنجو حڪم نہ**

**اچي، توهان هتان کان نہ هٽجو،** جڏهن ڪافر ميدان مان ڀڄڻ لڳا تہ ٻين صحابين وانگر تيراندازن بہ اڪثر ائين سوچيو تہ اسان جنگ کٽي چڪا آهيون، تنهنڪري پنهنجي جاءِ ڇڏي ڏنائون. پر ٿيو ائين جو ڀڄندڙ ڪافرن جي نظر ان اهم مورچي تي پئجي وئي ۽ هنن ان پاسي کان حملو ڪري ڏنو، ائين اوچتو حملي سبب ڀڄ ڊُڪَ مچي وئي ۽ کٽيل جنگ مسلمانن جي هٿن مان نڪرڻ لڳي.

ثوبان: سر، ان ئي غزوي ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هڪ چاچو بہ شهيد ٿيو هو نہ...!

سر بلال: جي پٽ! ڀڄ ڊڪَ ۾ مسلمانن کي گهڻو نقصان کڻڻو پيو. اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا پيارا چاچا حضرت حمزه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ شهيد ٿيا، اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو چهرو مبارڪ زخمي ٿيو ۽ مبارڪ ڏند جو ٽورو ڪنارو بہ جدا ٿي ويو.

پر ٻارؤ! اهڙي افراتفريءَ ۾ بہ صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي پنهنجي جان کان وڌيڪ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو خيال هو، هنن پنهنجي پٺين کي پاڻ سڳورن لاءِ ڍال بڻائي ڇڏيو. پنهنجي پٺيءَ تي تير برداشت ڪيائون پر پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو دفاع نہ ڇڏيائون. ستن انصاري صحابين مان هڪٻئي پٺيان حضور جي حفاظت ڪندي پنهنجون جانيون قربان ڪري ڇڏيون. بيشڪ هن غزوي ۾ صحابہءِ ڪرام تمام عظيم ۽ بي مثال قربانيون ڏنيون ۽ اسان کي ان مان گهڻو ڪجهہ سکڻ لاءِ ملي ٿو تہ اللہ پاڪ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جيئن فرمائين ان تي عمل ڪجي، ٻي صورت ۾ آخرت سان گڏوگڏ دنيا ۾ بہ ان جو نقصان کڻڻو پئجي سگهي ٿو.







# ٻارن ڪي ٻين جو احساس ڪرڻ سيکاريو

حافظ حفيظ الرحمٰن

معاشرو فردن سان ٺهندو آهي ۽ فردن جي تربيت جو سڀ کان پهريون ۽ مضبوط مرڪز گهر هوندو آهي. ماءُ پيءُ ئي اهي عظيم هستيون آهن جيڪي پنهنجي اولاد جي دلين ۾ محبت، همدردي ۽ ٻين جو خيال رکڻ جو جذبو پيدا ڪنديون آهن. جيڪڏهن ٻارن کي ننڍپڻ کان ئي ٻين جي احساسن ۽ ضرورتن جو خيال رکڻ سيکاريو وڃي ته هو وڏا ٿي معاشري جا بهترين فرد بڻجي سگهن ٿا. ان ئي اهم پهلوءَ ڏانهن توجهه ڏيارڻ لاءِ ڪجهه ڳالهين جي نشاندهي ڪجي ٿي:

**جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪيو، اهو ئي ٻين لاءِ ڪيو:** ماءُ پيءُ جي اها ذميواري آهي ته هو ٻارن جي دلين ۾ اها ڳالهه ويهارين ته جيڪا شيءِ هو پنهنجي لاءِ پسند ڪن ٿا، اها ئي ٻين لاءِ به پسند ڪن. نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان مان ڪو به ان وقت تائين ڪامل مومن نٿو ٿي سگهي، جيستائين هو پنهنجي ڀاءُ لاءِ اهو پسند نه ڪري جيڪو هو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو.[i] هن حديثِ مبارڪ جي روشنيءَ ۾ جيڪڏهن ٻارن کي سيکاريو وڃي ته هو ٻين سان اهو ئي سلوڪ ڪن جيڪو پنهنجي لاءِ چاهين ٿا، ته سندن اخلاق سنوارجي ويندا. جيڪڏهن ٻار چاهي ٿو ته ساڻس نرميءَ سان ڳالهايو وڃي، ته کيس ٻين سان به نرمي اختيار ڪرڻ گهرجي؛ ۽ جيڪڏهن هو چاهي ٿو ته سندس ڳالهه ٻڌي وڃي، ته کيس ٻين جي ڳالهه به غور سان ٻڌڻ ۽ انهن جو احترام ڪرڻ گهرجي.

**ٻين کي تڪليف کان بچائڻ:** ماءُ پيءُ کي گهرجي ته اهي ٻارن جي دل ۾ اهو احساس پيدا ڪن ته ڪنهن کي تڪليف ڏيڻ الله پاڪ کي ناپسند آهي. ٻارن کي سمجهايو وڃي ته جيئن کين سور، دڙڪا يا بي عزتي سٺي ناهي لڳندي، تيئن ئي ٻين کي به اهي ڳالهيون تڪليف ڏينديون آهن. روزمره جي مثالن ذريعي اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائي وڃي ته ڌِڪو ڏيڻ، چيڙائڻ، مذاق اڏائڻ يا سخت لفظ چوڻ به تڪليف ڏيندڙ ڪم آهن. ڪنهن مسلمان کي تڪليف ڏيندڙ کي الله پاڪ سخت سزا ڏيندو آهي. مشهور تابعي بزرگ حضرت مُجاهد رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جهنمين تي خارش مسلط ڪئي ويندي، ته هو پنهنجي جسم کي کنهندا ايستائين جو هڏي ظاهر ٿي پوندي. کيس سڏي چيو ويندو: اي فلاڻا! ڇا توکي ان مان تڪليف ٿئي ٿي؟ هو چوندو: ها. سڏيندڙ چوندو: تون مسلمانن کي تڪليف پهچائيندو هئين، هي ان جي سزا آهي.[ii]

**گوڙ ۽ شور کان روڪڻ:** والدين کي گهرجي ته ٻارن کي سمجهائين ته گهر ۾ گوڙ ڪرڻ گهر وارن ۽ پاڙيسرين جي تڪليف جو سبب بڻجندو آهي. ٻارن کي نرميءَ سان ٻڌايو وڃي ته رڙيون ڪرڻ، شيون اڇلائڻ يا گوڙ ڪري ڪيڏڻ بيمارن، بزرگن ۽ آرام ڪندڙن جي سڪون ۾ خلل وجهندو آهي. جڏهن ٻارَ اهو سمجهي وٺندا

تہ سندن شور سان ٻين کي پريشاني ٿئي ٿي، تہ سندن اندر احساس پيدا ٿيندو ۽ هو گوڙ ڪرڻ کان بچندا. ٻارن کي ٻڌايو تہ پاڙيسرين جي حقن جي ادائيگي ايتري تہ اهم آهي جو هڪ ڀيرو نبي ڪريم ﷺ جن صحابہءِ ڪرام کي فرمايو: خدا جو قسم! اهو شخص مومن ناهي، خدا جو قسم! اهو شخص مومن ناهي، خدا جو قسم! اهو شخص مومن ناهي. صحابہءِ ڪرام پڇيو: يا رسول الله! ڪير؟ فرمايائون: جنهن جي آفتن (شر) کان سندس پاڙيسري محفوظ نہ هجي. (يعني جيڪو شخص پنهنجي پاڙيسرين کي تڪليفون ڏيندو هجي) [iii]

**رول ماڊل بڻجو:** ٻار والدين جي نقل ڪندا آهن، ان ڪري سڀ کان پهريان پاڻ سٺو مثال قائم ڪريو. گھر ۾ پنهنجي والدين جو احترام ڪريو، پاڻ ۾ محبت سان ڳالهايو، پاڙيسرين جي مدد ڪريو، غريبن تي ترس کائو ۽ خادمن سان سٺو سلوڪ ڪريو. ٻار هي سڀ ڏسي رهيا هوندا آهن ۽ پاڻمرادو سکندا آهن.

**ٻين جي نقصان تي همدردي ڪرڻ سيکاريو:** ڪجھ ٻار ٻين جي مصيبت تي خوش ٿيندا آهن، اها نهايت ئي بري عادت آهي. والدين کي گھرجي تہ ٻارن کي ٻين جي نقصان يا مصيبت تي همدردي ڪرڻ ۽ ممڪنہ صورت ۾ پريشاني دور ڪرڻ سيکارين. ٻارن کي ٻڌايو تہ ڪنهن جي مصيبت تي خوش ٿيڻ پاڻ ان مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ جو سبب بڻجي سگھي ٿو. نبي پاڪ ﷺ جن ارشاد فرمايو: پنهنجي ڀاءُ جي شماتت نہ ڪر (يعني ان جي مصيبت تي خوش نہ ٿي) تہ الله پاڪ مٿس رحم ڪندو ۽ توکي ان ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو. [iv]

ٻين جي مصيبت تي خوش ٿيڻ واري بري عادت کان ٻارن کي ائين بہ بچائي سگھجي ٿو تہ کين نيڪ ماڻهن جا واقعا ٻڌايا وڃن. جيئن تہ حضرت سري سقطي جو واقعو آهي تہ بازار ۾ سندن هڪ دڪان هو، هڪ دفعو ان بازار ۾ باھ لڳي وئي، سڄي بازار سڙي وئي، پر پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو دڪان بچي ويو. جڏهن کين اها خبر ڏني وئي تہ بي اختيار سندن زبان مان نڪتو: اَلْحَمْدُلِلّٰه، پر ترت ئي پنهنجي نفس کي ملامت ڪندي فرمايائون: صرف پنهنجو مال بچي وڃڻ تي مون ڪيئن اَلْحَمْدُلِلّٰه چئي ڏنو! تنهنڪري پاڻ تجارت ڪرڻ ڇڏي ڏنائون ۽ ان اَلْحَمْدُلِلّٰه چوڻ تي توبہ ۽ معافي خاطر سڄي عمر لاءِ دڪان داري ڪرڻ ڇڏي ڏنائون. [v]

**نيڪ ڪمن ۾ شامل ڪريو:** ٻارن کي ٻين جو احساس سيکارڻ لاءِ ماءُ پيءُ کي گھرجي تہ ٻارن کي عملي طور نيڪ ڪمن ۾ شامل ڪن. کين پنهنجي هٿن سان صدقو ڏيارين، ٻارن جي سامهون يتيم ۽ مستحق ماڻهن جي خدمت ڪن. عيد، ميلاد النبي ۽ ٻين خوشيءَ جي موقعن تي غريبن ۾ ڪپڙا يا کاڌو ورهائڻ ۾ کين شامل ڪن، ڇو تہ اهي ڪم بہ ٻارن جي دل ۾ احساس پيدا ڪندا.

**دعاءِ شڪر جي عادت:** ٻين جو خيال رکڻ جو هڪ طريقو دعا بہ آهي، والدين کي گھرجي تہ ٻارن کي ٻين لاءِ دعا ڪرڻ سيکارين. جڏهن ڪو بيمار هجي، مشڪل ۾ هجي، يا ڪامياب ٿئي تہ ٻار ان لاءِ دعا ڪن.

**جانورن ۽ ٻين مخلوقات جو خيال:** ڪجھ ٻار جانورن، جيتن ۽ پکين کي تڪليف پهچائيندا آهن. والدين کي گھرجي تہ ٻارن کي انسانن سان گڏوگڏ جانورن ۽ الله جي ٻي مخلوق جو خيال رکڻ بہ سيکارين.

جيڪڏهن ماءُ پيءُ ننڍپڻ کان ئي اولاد جي دل ۾ ٻين جو خيال، همدردي ۽ حُسنِ سلوڪ جي تربيت پختي ڪري ڇڏين، تہ اهي ئي ٻار مستقبل ۾ هڪ صالح ۽ پُراَمن معاشري جو بنياد بڻجن. گھريلو تربيت جا هي ننڍڙا اصول اصل ۾ وڏي اخلاقي انقلاب جو پيش خيمو هوندا آهن. تنهنڪري والدين جي ذميواري آهي تہ هو رول ماڊل بڻجي پنهنجي اولاد کي انسانيت ۽ خيرخواهيءَ جو رستو ڏيکارين.

ٻار جي پيدائش کان وٺي شادي تائين جي تمام مرحلن جي معلومات جي لاءِ مڪتبۃُ المدينہ جو ڪتاب "تربيتِ اولاد" جو مطالعو مفيد آهي. پي ڊي ايف ڊائون لوڊ ڪرڻ جي لاءِ ڪيو آر ڪوڊ اسڪين ڪريو.

(i) مسلم،ص47،حديث: 170
(ii) احياء العلوم، 2 /242
(iii) بخاري،104/4، حديث:6016
(iv) ترمذي، 227/4، حديث: 2514
(v) احياء العلوم ، 5 / 71

# شبِّ قدرم سمنڊ جو پاڻي مٺو.......

هڪ ڀيري حضرتِ عثمان ابنِ ابي العاص رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي غلام کين عرض ڪيو: اي آقا! مون کي ٻيڙي هلائيندي هڪ عرصو ٿي ويو آهي. مون درياءَ جي پاڻيءَ ۾ هڪ عجيب ڳالهہ محسوس ڪئي آهي. جنهن کي منهنجو عقل تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري رهيو آهي. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پُڇيو: اها ڪهڙي عجيب ڳالهہ آهي؟ عرض ڪيائين: اي آقا! هر سال هڪ اهڙي رات بہ ايندي آهي جنهن ۾ سمنڊ جو پاڻي مٺو ٿي ويندو آهي. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ غلام کي فرمايو: هن ڀيري خيال رکجو جيئن ئي رات جو پاڻي مٺو ٿي وڃي تہ مون کي آگاهہ ڪجو. جڏهن رمضان المبارڪ جي ستاويهين رات آئي تہ غلام آقا کي عرض ڪيو تہ آقا! اَڄُ سمنڊ جو پاڻي مٺو ٿي چُڪو آهي.

(تفسيرِ عزيزى،258/3-تفسير كبير،230/11)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! شبِ قدر جي ڪيئي نشانيون آهن. اسان جي ذهن ۾ هي سوال اڀري سگهي ٿو تہ اسان جي عمر جا ڪافي سال گذري چڪا آهن هر سال شبِ قدر ايندي رهي ٿي پر اسان کي تہ ڪڏهن ان جون علامتون نظر نٿيون اچن؟ ان جي جواب ۾ علماءِ ڪرام رَحِمَہُمُ اللہُ فرمايو آهي تہ انهن ڳالهين جو علم هر هڪ کي نہ ٿو ٿي سگهي ڇو تہ ان جو تعلق ڪشف (ڳجهي ڄاڻ) ۽ ڪرامت سان آهي ان کي تہ اهو ئي ڏسي سگهي ٿو جنهن کي بصيرت (يعني قلبي نظر) جي نعمت حاصل هجي. هر وقت گناهن جي نُحُوست ۾ مشغول رهڻ وارو گنهگار انسان هنن نظارن کي ڪيئن ٿو ڏسي سگهي؟

978-969-722-899-7
01130337

فیضانِ مدینہ، محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net